بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

٦

سِنڌي ڪتاب

استادن لاءِ رهبر



اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، يونيورسٽي آف اوڪسفرڊ جو هڪ شعبو آهي.
جيڪو سڄي دنيا ۾ اشاعتن جي ذريعي تحقيق، علم و فضيلت ۽ تعليم ۾ اعليٰ معيار جي مقصدن جي واڌاري ۾
يونيورسٽيءَ سان سهڪار ڪري ٿو. Oxford برطانيہ ۽ ڪجھ ٻين ملڪن ۾
اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جو ٽريڊ مارڪ آهي

پاڪستان ۾ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس
نمبر 38، سيڪٽر 15، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا،
پي او باڪس 8214، ڪراچي 74900، پاڪستان
مان شايع ڪيو

© اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس 2026ع

مصنف جي اخلاقي حقن تي زور ڏنو ويو آهي

پهريون اشاعت 2026ع

سمورا حق محفوظ آهن. اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس کان اڳواٽ لکت ۾ اجازت يا جنهن ريت
واضح طور تي قانون اجازت ڏئي ٿو. لائسنس يا ريپرو گرافڪس حقن جي اداري سان طئي ٿيل
مناسب شرطن کان سواءِ هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جو نقل، ڪنهن بہ قسم جو
ذخيرو نہ ٿو ڪري سگهجي، جتان ان کي ٻيهر حاصل ڪري سگهجي يا ڪنهن بہ صورت
۾ يا ڪنهن بہ وسيلي سان ان جو ٽيڪسٽ ڊيٽا مائيننگ يا هٿرادو ذهانت جي سڪيا جي لاءِ
استعمال يا منتقل نہ ٿو ڪري سگهجي . مٿي ڏنل صورتن کان سواءِ ٻيهر اشاعت خاطر معلومات
حاصل ڪرڻ لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اشاعتي حقن واري شعبي سان
مٿي ڏنل ائڊريس تي رابطو ڪريو.

توهان هي ڪتاب ڪنهن بہ ٻي صورت ۾ تقسيم نہ ڪري سگهو
۽ ڪنهن ٻئي حاصل ڪندڙ تي بہ لازمي طرح اهي ئي شرط وجهندا

ISBN 9786275226598

ايم بي ٽائي ستّار ۽ نوري نستعليق فونٽ ۾ ڪمپوز ڪئي وئي آهي

ٿورا

ليکڪ: گل محمد سومرو

تعارف

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس پاران ڪيترن ئي سالن کان سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو ڪاميابيءَ سان جاري آهي. درسي ڪتابن جي اشاعت سان گڏ هر نصابي ڪتاب جو "استادن جو رهبر" استادن جي رهنمائيءَ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ ان ٻوليءَ جي گرامر تي مهارت حاصل ڪرڻ لازمي آهي. "استادن جو رهبر" ۾ گرامر جون اهي وصفون مثالن سان گڏ شامل ڪيون ويون آهن جن جي مدد سان استاد شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي بهتر سکيا فراهم ڪري سگهندا. ان ۾ هر سبق جو ليسن پلان، پڙهائڻ جا مختلف طريقا، شاگردن جي نفسيات کي سمجهڻ جا طريقا، گرامر جون وصفون مختلف حوالن، مثالن ۽ وضاحتن سان گڏ، حل ٿيل مشقون ۽ هر سبق جون مشقون، شاعرن ۽ ليکڪن جا تعارف، شاهه جو رسالو ۽ ان جي سُرن بابت معلومات سنڌي ۽ اُردُو ٻنهي ٻولين ۾ شامل ڪيون ويون آهن.

"استادن جو رهبر" ۾ سنڌي ٻوليءَ تي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ اپياسي حوالي سان بنيادي طور تي صوتيات، نحويات، صرفيات ۽ معنيات جو خيال رکندي گرامر شامل ڪئي وئي آهي. گرامر ۾ زمان، ڳالهائڻ جا لفظ، واحد جمع ٺاهڻ جا اصول، مذڪر، مؤنث، لفظ ضد، علم عروض ۽ علم بيان جي ڄاڻ پڻ رکي وئي آهي.

ڇهين درجي کان اَٺين درجي تائين "استادن جو رهبر" پنهنجي علمي پورهئي، تجربن، مشاهدن ۽ قابليت جي بنياد تي تيار ڪيو ويو آهي. ان ۾ معلوماتي، سماجي، ناصحاڻي، مزاحيه، ديني، تاريخي، تهذيبي ۽ سنڌ توڙي ملڪ جي نامور شخصيتن جي معلومات تي مشتمل معياري مواد وڏي عرق ريزيءَ سان شامل ڪيو ويو آهي.

اسان کي اميد آهي ته "استادن جو رهبر" جي اعليٰ معيار جو معلوماتي مواد مان استاد پرپور لاڀ حاصل ڪندا ۽ ان جي مدد سان شاگردن جي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا کي وڌيڪ اثرائتو ۽ ڪارآمد بڻائي سگهندا.

(گل محمد سومرو)

فهرست

سبق	عنوان	سنڌي	اُردُو	سبق	عنوان	سنڌي	اُردُو
١	حمد (نظم)	١	١١٧	١٥	هاڪي راند	٥٥	١٦٣
٢	حجة الوداع وارو خطبو	٥	١٢٠	١٦	ادب ۽ اخلاق (نظم)	٥٨	١٦٦
٣	نعت (نظم)	١٠	١٢٤	١٧	ماحولياتي گدلاڻ	٦١	١٦٩
٤	سچائيءَ جو انعام (ڪهاڻي)	١٥	١٢٨	١٨	پاڪستان جا دلڪش منظر	٦٦	١٧٣
٥	سنڌ جي ثقافت	١٨	١٣١	١٩	روشن تارو (نظم)	٦٩	١٧٦
٦	سُر يمن ڪلياڻ (بيت)	٢٢	١٣٥	٢٠	استاد جي عظمت	٧٣	١٧٩
٧	شمسي توانائي ۽ اُن جا فائدا	٢٥	١٣٨	٢١	خط لکڻ جا قاعدا	٧٨	١٨٣
٨	مورڙو مير بحر (رزميه قصو)	٢٩	١٤١	٢٢	صبح جي دعا (نظم)	٨٢	١٨٧
٩	شهيد الله بخش سومرو	٣٣	١٤٤	٢٣	بارن جا حق	٨٧	١٩١
١٠	سارنگ (بيت)	٣٧	١٤٧	٢٤	اتفاق (نظم)	٩١	١٩٥
١١	علم رياضي	٤٠	١٥٠	٢٥	مڪلي جو تاريخي قبرستان	٩٥	١٩٩
١٢	نياڻين جو شان ۽ مرتبو	٤٢	١٥٢	٢٦	سونهارو وطن، منڙي ٻولي (نظم)	٩٩	٢٠٢
١٣	پورهيت جي عظمت (نظم)	٤٦	١٥٦	٢٧	رِليءَ جو هنر	١٠٣	٢٠٥
١٤	وتايو فقير	٥١	١٦٠	٢٨	تندرست رهڻ جا ڪارگر اصول	١٠٧	٢٠٩

سبق پھريون

حمد

سکيا جي حاصلات

- مخاطب جي ڳاله ٻڌي پنهنجي علم ۾ تجربي جي روشنيءَ ۾ پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- سادي عبارت (نثر ۾ نظم) رواني‌ءَ سان پڙهي سگهي.
- شعر ۾ رديف جي سُجاڻپ ڪري سگهي.
- بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي.
- نظم سُر ۾ لئ سان پڙهي / ٻڌي ان مان لطف اندوز ٿي سگهي.
- پنهنجن مشاهدن، خيالن ۾ جاڙ کي آڏو رکي ڪنهن فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي ٻه سو لفظن تي ٻڌل هڪ مضمون لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڙ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۾ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- حمد جي تعريف سمجهي سگهي.
- قافيي جي تعريف سمجهي ۾ لکي سگهي.

ذهني آمادگيءَ جا سوال:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ١ – ٣
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران استاد، شاگردن جي توجه جو جائزو به ونندو رهندو. جنهن شاگرد جي توجه نه هجي ته ان کان پڙهايل عبارت جو ڪو به آسان سوال پڇا ڪري سندس توجه پاڻ ڏانهن ڪرائيندو.
- نظم ۾ موجود پهاڪن، چوٽين ۽ ڏکين لفظن جي وضاحت عبارت جي ختم ٿيڻ تي آسان لفظن ۾ سمجهائي ويندي ۽ شاگردن کان اهي پهاڪا، چوٽيون يا ڏکيا لفظ مجموعي طور اُچاريا ويندا.
- ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کي اڳيان ويهاري انهن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين هڪ جملو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن سارا هه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو، بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم ۾ ڪهڙو قافيو استعمال ڪيو ويو آهي؟

٢. هن نظم ۾ شاعر گنهگار انسانن جو ڪهڙو انجام ٿو ٻڌائي؟

٣. هن نظم جي شاعر جو تخلص ڇا آهي؟

شاعر جو تعارف

گل محمد سومرو ٢٠ فيبروري ١٩٧٦ عيسوي تي ضلعي خيرپور ميرس جي هڪ ننڍڙي شهر لقمان ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو محمد بخش سومرو آهي. گل محمد سومرو ميٽرڪ گورنمنٽ ناز پائلٽ سيڪنڈري اسڪول خيرپور ميرس مان ڪئي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ڪراچي ۾ سنڌي سبجيڪٽ جي استاد طور جون ذميواريون سر انجام ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ گڏ اقرا يونيورسٽي ڪراچي مان ايم فل (ايجوڪيشن) جي ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ هڪ نالياورو تعليمدان، شاعر، ليکڪ، صحافي، ڪالم نگار ۽ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جو مصنف آهي. سندس لکيل ادبي ۽ نصابي ڪتابن جو انگ ١٣ آهي. جن ۾ ڪهاڻين جو ڪتاب "اڻپوري خواهش"، "مايا" ۽ شاعريءَ جو ڪتاب "خيالن جي خوشبو" وڏي شهرت بخشي. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "بيوس" آهي. اجرڪ پبليڪيشن

جو سرواڻ ۽ روزاني اجرڪ اخبار جو چيف ايڊيٽر آهي. ان کان علاوه آل سنڌ پرائيويٽ اسڪول ٽيچرز ائسوسيئيشن جو چيئر مين پڻ آهي. هن وقت ملڪ جي نالياواري تعليمي اداري بيڪن هائوس اسڪول سسٽم ۾ سنڌي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جون ذميواريون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

١. خدا

٢. عالم

٣. تنهن جي .

٤. سڀ سوالي،

٥. ڏينهن.

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن حمد جي شاعر جو نالو گل محمد سومرو آهي.

٢. هن حمد جي پهرين شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته سڀ کان بلند رتبو الله جي ذات جو آهي ۽ اهو ئي پوري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. اهو الله ڏاتار آهي، جنهن جي در تان ڪو به نه خالي موٽيو آهي ۽ نه ئي موٽندو.

٣. هن نظم ۾ شاعر الله تعاليٰ کان پنهنجي گناهن جي معافي گهري ٿو.

٤. هن نظم جي ٽيون نمبر شعر ۾ شاعر جو اهو مقصد آهي ته جيڪي انسان زندگيءَ جي هر موڙ تي گناهه ڪن ٿا، انهن کي جڏهن دوزخ جي باهِ ۾ اڇلايو ويندو ته ان وقت کين حقيقت جي خبر پوندي ته ڇا صحيح هو ۽ ڇا غلط.

٥. هن حمد جو ٻيو نمبر شعر پسند آهي، ڇاڪاڻ ته هن شعر ۾ شاعر الله جي واکاڻ بيان ڪندي لکي ٿو ته پوري ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ هڪ الله آهي. جيڪو هڪ الله تي ايمان رکي ٿو اهو انسان دنيا ۽ آخرت يعني ٻنهين جهانن ۾ ڪاميابي ماڻي ٿو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
هستي	طاقت/ وجود	دنيا جي عظيم هستي حضرت محمد خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن آهن.
آڙهه	باهِ	فاجر انسانن کي دوزخ جي آڙهه ۾ وڌو ويندو.
ڪشتي	ٻيڙو/ ٻيڙي	الله تعاليٰ سيني جو ٻيڙو تاريندو.
گردش	بدحالي/ پريشاني	احمد گردش ۾ قاتل آهي.
بلند	مٿانهون/برتر	حضرت محمد خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو رتبو تمام نبين کان بلند آهي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم صحيح اچار سان پڙهائي و ويندي.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

سبق ٻيون

حجة الوداع وارو خطبو

سکيا جي حاصلات

- واقعو ٻڌي ان بابت راءِ ڏئي سگھي.
- عبارت ۾ بيھڪ جي نشانين موجب سمجھي پڑھي سگھي.
- ڪتابن ۾ رسالن جي مدد سان ڪنھن بہ موضوع تي مختصر مضمون لکي سگھي.
- واقعن ۾ ڪھاڻين کي ٻڌي انھن جي ڪردارن بابت پنھنجي راءِ ڏئي سگھي.
- زمان حال، زمان ماضي ۾ زمان مستقبل جي فرق کي سمجھي جملا جوڙي ۾ بدلائي سگھي.
- واقعن کي پڑھي يا ٻڌي پنھنجي رد عمل جو اظھار ڪري سگھي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- سبق جي مشق جا جواب پاڻ سمجھي ۾ لکي سگھي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگھي.
- حجة الوداع واري خطبي جي ڳالھين تي عمل ڪري سگھي.

ذھني آمادگيءَ جا سوال:

- شاگردن کان ذھني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انھن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رھنمائي ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ گھرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏھن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رھنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ۴ – ۷
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۳ عدد

OXFORD UNIVERSITY PRESS

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال کيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال کيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. حجة الوداع واري خطبي دوران مسلمانن جو انگ ڪيترو هو؟

٢. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن غلامن بابت ڪهڙي هدايت ڪئي؟

٣. هن حج کي حجة الوداع چو ٿو چيو ويو؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. مذهب

٢. متي

٣. ضامن

۴. غلامن

۵. عرب

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن حج کي حجة الوداع ان ڪري چيو ويو ٿو جو هي حج حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي زندگي مبارڪ جو آخري حج هو.

٢. حجة الوداع واري خطبي ۾ مسلمانن جي جماعت جو انگ هڪ لک چاليهہ هزار هو.

٣. پاڻ سڳورن صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن عورتن بابت فرمايو تہ عورتن جي معاملي ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄو، اوهان جو حق عورتن تي آهي ۽ عورتن جو اوهان تي آهي.

۴. پاڻ سڳورن صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن اسلامي برادريءَ بابت فرمايو تہ هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن.

۵. هجري ڏهين سال جي ذوالحج مهيني ۾ حجة الوداع ادا ڪيو ويو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
انتقام	بدلہ	دشمن کان انتقام وٺڻ بدران ان کي معاف ڪرڻ گهرجي.
اڻ کٽ	ختم نہ ہونہ والا	الله جون اڻ کٽ نعمتون موجود آهن.
ڪٽنب	خاندان	پنهنجي ڪٽنب جو اسان کي خيال رکڻ گهرجي.
بي اطميناني	بےسکونی	غلط ڪمن جي ڪري انسان جي دل ۾ بي اطميناني رهي ٿي.
لاڳاپا	تعلقات	اسان کي پاڻ ۾ سٺا لاڳاپا قائم ڪرڻ گهرجن.
بشارت	خوشخبری	حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللّٰهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم کي نبوت جي بشارت ملي.

(د) زمان حال جا جملا

جيئن : (۱) طيبہ پڙهي ٿي.

(۲) پارس لکي ٿي.

زمان ماضي جا جملا

جيئن: (۱) پارس خط لکيو.

(۲) طيبہ نماز پڙهي.

(۳) احمد ڪتاب پڙهيو.

زمان مستقبل جا جملا

جيئن: (۱) پارس نماز پڙهندي.

(۲) طيبہ ڊاڪٽرياڻي ٿيندي.

(۳) احمد ڪتاب لکندو.

(ه) تخليقي ڪم

پاڻ سڳورن حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي زندگيءَ بابت هڪ مستند ڪتاب پڙهوءِ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي سيرت مبارڪ تي مختصر مضمون لکو.

حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جي شخصيت ۾ اعليٰ اخلاق مبارڪ جي ذڪر سان ڪيترائي ڪتاب سينگاريل آهن تہ بہ سندن چڱا گڻ ۽ نيڪ خصلتون بيان ڪرڻ جڻ تہ انساني قُوت کان مٿي آهي. پنهنجي پياري حبيب جي لاءِ رب پاڪ هيءُ جنسار جوڙيو. ڪُل ڪائنات جي ذري ذري کان ڪيس معتبر ۽ مٿانهون ڪيائين. سندن شرف ۽ اعليٰ حيثيت کي ڪلمي جي ذريعي ثابت ڪيائين. مٿن درود پڙهيائين ۽ ايمان وارن کي ڄاڻايائين تہ "بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ درود پاڪ پڙهن ٿا. نبيءَ سڳوري صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم تي اي ايمان واروتوهين بہ درود ۽ سلامتي موڪليو نبي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم تي."

انهيءَ کان وڌيڪ ڪا عظيم ذات هوندي جنهن جي واکاڻ ۽ ساراھ خود رب پاڪ ڪئي هجي. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن رحمت اللعالمين ۽ شفيع المذنبين آهن. ڏينهن قيامت لاءِ چوٽڪارو آهن. سندن ذات مبارڪ ڪُل عالم لاءِ رحمت ۽ شفاعت آهي.

حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن ۱۲ ربيع الاول سومر جي ڏينهن اٽڪل پندرهن سئو سال اڳ مڪي پاڪ ۾ پيدا ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جو جنم هاشمي قريش خاندان ۾ ٿيو. والد جو نالو حضرت عبدالله ۽ والده جو نالو بيبي آمنہ آهي. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن کي سندن والد جي وفات جي ڪري پهرين ڏاڏي عبدالمطلب ۽ پوءِ چاچي ابو طالب پاليو. پاڻ ننڍيءَ عمر کان ئي با اخلاق ۽ سچار جي نالي سان مشهور هئا. جنهن جي لاءِ ڪيترا ئي واقعا اسلامي تاريخ ۾ ذڪر ٿيل آهن. حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي چڱن گڻن جي ڪري ئي عرب جي جهيڙاڪ قوم متاثر ٿي ۽ اسلام قبول ڪيو. سندن ڏنل اسلام جي تعليم طبقاتي فرق ختم ڪري ڇڏيا. پاڻ مسلمانن کي واضع طور سمجهايائون تہ "توهان سڀ حضرت آدم عليہ السلام جي اولاد آهيو ۽ حضرت آدم عليہ السلام مٽيءَ جي پيدائش آهي. اوهان مان ڪنهن کي ڪنهن تي فوقيت حاصل نہ آهي. سواءِ پرهيزگاريءَ جي." "بيشڪ توهان مان الله وٽ ويجهو اُهو آهي جيڪو پرهيزگار آهي." الله جي رسول صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مسلمانن کي زندگي گذارڻ جا صحيح اصول سمجهايا. کين ڄاڻايو تہ عورت جا مرد تي ۽ مرد جا عورت تي مزور جا مالڪ تي ۽ مالڪ جا مزور تي، اولاد جا والدين تي ۽ والدين جا اولاد تي، استاد جا شاگرد تي ۽ شاگرد جا استاد تي ڪهڙا حق ۽ فرض آهن. زندگيءَ جي هر رُخ کي موقعي محل مطابق سمجهائي ڪيترن ئي مسئلن کي عملي طور زندگيءَ ۾ ثابت ڪيائون. سندن سچائي، نيڪي، نرم خوئي، محبت، همدردي، امانت، صداقت، صبر، استقلال، عفو ۽ درگذر کان ڪم ونندا هئا. ٻارن سان پيار ۽ شفقت ۽ عورتن سان عزت سان پيش ايندا هئا. يتيمن جا همدرد ۽ غلامن جا مولا هئا. قول ۽ فعل جو فرق کين سخت ناپسند هو. حضرت محمد رسول الله

خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن جيڪي چوندا هئا، انهيءَ تي عمل ڪندا هئا. پاڻ فرمايائون تہ “منهنجي اصل پونجي معرفت آهي، مون کي اعليٰ اخلاق جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي. نيڪ اخلاق منهنجو بنياد آهي ۽ علم منهنجو هٿيار آهي. الله جو ذڪر منهنجو ساٿي آهي. عاجزي منهنجو سرمايو آهي. نماز منهنجي اکين لاءِ ٺڏ آهي.

اسان کي گهرجي تہ خدا پاڪ جي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي چڱن اخلاقن مان سبق پرايون ۽ ساڻن محبت ڪريون. مٿن درود ۽ سلام موڪليون تہ جيئن دين ۽ دنيا ۾ سوڀارا ٿيون.

ڈاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي ڪتاب ”اخلاقي قدر“ مان منتخب ڪيل مضمون

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- سيرت نبي متعلق کو بہ مشهور ڪتاب لائبريري مان جاري ڪرائي ڪلاس ۾ شاگردن آڏو حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جون صفتون يا پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو کو بہ واقعو بلند آواز ۾ پڙهي ٻڌايو ڪلاس جا سيئي شاگرد ادب ۽ احترام سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ۽ آخر ۾ ڪلاس جي شاگرن کان معلوم ڪيو تہ اوهان ان واقعي يا سيرت نبي صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم مان ڇا پرايو؟
- هن سبق ۾ ڪهڙيون نصيحتون سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

سبق ٹيون

نعت

سکيا جي حاصلات

- ڪنهن بہ شيءَ جي اُچار، آهنگ، لئہ ۾ ادائيگيءَ سان ورجائي سگهي.
- اخبارن، رسالن ۾ ڪتابن تان صورتخطيءَ کي درست ۾ مناسب رفتار سان لکي سگهي.
- اسم عام ۾ اسم خاص جي فرق کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- تنوين (اً) ۾ الف مقصوره (ى) کي سمجهي ان جو استعمال ڪري سگهي.
- نظم جي لئہ ۾ آهنگ کي سمجهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۾ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- نعت جي تعريف سمجهي سگهي.
- قافيي جي تعريف سمجهي ۾ لکي سگهي.

ذهني آمادگيءَ جا سوال:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٨ – ١٠
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهي و ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو، بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم ۾ ڇا ردیف استعمال ڪيو ويو آهي؟ جيڪڏهن ها تہ ردیف جي سڃاڻپ ڪريو.
٢. هن نظم ۾ شاعر ڪهڙي ڳاله تي فخر ڪري رهيو آهي؟
٣. هن نظم جي شاعر جو نالو ڇا آهي؟

حل ٹيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

١. آ شُڪران

٢. مُرسل

٣. پيغام خالق جو ،

٤. آ امتي

٥. احسان

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم (نعت) جي شاعر جو نالو گل محمد سومرو (بيوس) آهي.

٢. نعت جي آخري شعر ۾ شاعر کي پنهنجو پاڻ تي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو امتي هجڻ تي بيحد فخر آهي، جنهن ڪري هو لکي ٿو ته آءُ زندگيءَ جي هر موڙ تي الله جي ذات جو جيترو شڪر ادا ڪيان اوترو گهٽ آهي.

٣. هن نعت جو ٽيون نمبر شعر مونکي پسند آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ مومن کي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي نبوت ملڻ ۽ ان تي آسماني ڪتاب قرآن پاڪ نازل ٿيڻ جي مبارڪ ملڻ جو ذڪر ڪيل آهي.

٤. هن نظم ۾ شاعر اسان کي اهو پيغام ٿو ڏئي ته حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو رتبو تمام نبين ۾ اعليٰ آهي. جڏهن حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن کي نبوت جو پيغام مليو ته دنيا مان ڪفر جا ڪوٽ ڪري پيا. هن نظم ۾ شاعر اهو پيغام ڏنو آهي ته ڪائنات ۾ الله جي ذات پيا ڪيترائي نبي موڪليا پر انهن تمام نبين ۾ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ رتبو سڀني کان اعليٰ ۽ افضل آهي. مون کي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو امتي هجڻ تي بيحد فخر آهي ان ڪري آءُ زندگيءَ جي هر موڙ تي الله جو جيترو به شڪر ادا ڪيان اوترو گهٽ آهي.

٥. حمد ۾ الله تعاليٰ جي سراهه بيان ڪئي ويندي آهي ۽ نعت ۾ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَ عَليٰ آلِهٖ وَ اَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي واکاڻ بيان ڪئي ويندي آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
آمد	تشريف آوري	حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جي آمد سان دنيا ۾ ڪفر جا ڪوٽ ڪري پيا.
مرتبو	رتبہ/شان	حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جو رتبو سڀني نبين کان اعليٰ آهي.
مُرسل	رسول/پيغمبر	آخري مُرسل حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم آهي.
مانُ	عزت	ڪوٽ ۾ مهمان کي وڏو مانُ ڏنو ويندو آهي.
پيغام	پيغام	حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهٖ وَاَصحَابِهٖ وَسَلَّم جن الله جو پيغام پهچايو.

(د) اسم عام ۽ اسم خاص

لفظ	اسم
شاعر	اسم عام
شهر	اسم عام
وحيد	اسم خاص
نيلم	اسم خاص
سنڌو	اسم خاص
فرحان	اسم خاص
سنڌو درياه	اسم خاص

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو.

جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

- ٻارن جي رسالي يا ڪتاب مان ڪنهن بہ نالياواري شاعر جي سنڈيءَ ۾ لکيل نعت تلاش ڪري ڪاپيءَ ۾ لکو.

ختم اوندهِ ٿي وئي آيو نبيؐ
باک ٿي ظاهر پئي آيو نبيؐ
گُل ٽڙيا سنسار ۾ آئي بهار،
جڳ خوشي مُرڪي ڪئي، آيو نبيؐ
سڄ جو سورج جيئن ايريو تاب سان،
ڪُوڙ جي ڪاراڻ وئي، آيو نبيؐ
پورو عالم خوش ٿيو دلبر مليو،
بِسم الله سيني چئي آيو نبيؐ
پرجهلو ڪوئي نہ هو "بيخود" اڳي،
ويا نهي عالم ٻئي آيو نبيؐ

(بيخود بلوچ)

سبق چوٿون

سچائيءَ جو انعام

سکيا جي حاصلات

- آکاٽيون ۾ نظم ٻڌائي سگھي.
- اخبارن ۾ رسالن ۾ ڏنل ڪهاڻين ۾ نظمن کي سمجھي پڙھي سگھي.
- لکڻين جي مختلف انداز کي سمجھي پڙھي سگھي.
- ڪهاڻي پڙھي، نتيجو پنھنجي لفظن ۾ لکي سگھي.
- آکاڻيءَ جي شروعات، وچ ۾ پڇاڻيءَ کي آڏو رکي ڪا وٽندڙ آکاڻي لکي سگھي.
- ڪهاڻي پڙھي ان جي اخلاقي نتيجن تي خيالن جو اظهار ڪري سگھي.
- مڪالما پڙھي/ ٻڌي ان جي حاصل مطلب/ مقصد کي سمجھي سگھي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگھي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگھي.
- مذڪر لفظن کي مؤنث لفظن ۾ تبديل ڪري انھن جا جملا پڻ ٺاھي سگھي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ١١ – ١٣
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انھن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۾ حوصلا افزائي ڪرڻ گھرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏھن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. نازش جي والده جو نالو ڇا هو؟
٢. اها مُنڊي سون جي هئي يا چانديءَ جي هئي؟
٣. هن آکاڻيءَ ۾ ڪيترا ڪردار آهن؟ انهن جي وضاحت بيان ڪيو.

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. پاڙي
٢. مُنڊي
٣. نازش
٤. نازش
٥. گل محمد سومرو

(ب) سوالن جا جواب:

١. انيلا باجيءَ جو ٽيوشن تي پڙهڻ لاءِ ايندڙ ٻارن سان پيار ۽ محبت وارو رويو هو.
٢. انيلا کي منڊي نازش جي والد اڇي ڏني.
٣. نازش جو گهر انيلا باجيءَ جي گهر کان سڏُ پنڌ تي هو.
٤. مُنڊي ملڻ کان پوءِ انيلا باجي، نازش کي اڻ ڳڻيون دعائون ڏئي رهي هئي.
٥. هن آکاڻي مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي تہ هميشہ سچ ڳالهائجي ان سان هر صورت ۾ اوهان کي عزت ملندي ۽ مرتبو وڌندو.

(ج) لفظن جا مؤنث ۽ جملا

مذڪر	مؤنث	جملا
مڙس	زال	جام تماچي، نوريءَ جو مڙس هو.
هاٿي	هاٿڻ	هاٿي تمام ڏگهو جانور آهي.
ڏڳو	ڏڳي	احمد جو ڏڳو طاقتور آهي.
ٻڪرُ	ٻڪري	پهاڙ تي هڪ ٻڪر بيٺو آهي.
ڪانءُ	ڪانويلي	ڪانءُ پاڻي پيئي ٿو.

وڌيڪ معلومات

قمري ۽ شمسي اکر

عربي ۾ ڪُل ٢٨ اکر ٿيندا آهن جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ موجود آهن، جن مان ١٤ اکر شمسي ۽ ١٤ اکر قمري آهن. اهي هيٺ ڏجن ٿا.

شمسي اکر.

ت، ث، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ل، ن.

شمسي اکرن جي اڳيان جيڪو "ال" استعمال ٿيندو آهي، اهو اچاريو نہ ويندو آهي.

جيئن : شمس الدين، قمرالدين، صاحب الزمان.

قمري اکر

ا، ب، ج، ح، خ، ع، غ، ف، ق، ک، م، و، ه، ي.

قمري اکرن جي اڳيان جيڪو "ال" استعمال ٿيندو آهي، اهو اچاريو ويندو آهي.

جيئن: شمس العلماءَ، تحفتہ الڪرام، صدرۃ المڪان

اضافي سرگرميون

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ٻاراڻي ادب تي ڪو به مشهور ڪتاب لائبريري مان جاري ڪرائي ڪلاس ۾ شاگردن آڏو سچائيءَ بابت ڪا به دلچسپ ڪهاڻي بلند آواز ۾ پڙهي ٻڌايو ڪلاس جا سيئي شاگرد خاموشيءَ سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ۽ آخر ۾ ڪلاس جي شاگرن کان معلوم ڪيو تہ اوهان ان ڪهاڻيءَ مان ڇا پرايو؟
- هن سبق ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهن، شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو، جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

سبق پنجون

سنڌ جي ثقافت

سکيا جي حاصلات

- مختلف تقريبن ۾ حصو وٺي، انهن بابت ڳاله ٻوله ڪري سگهي.
- زمان حال جي جملن کي امري جملن ۾ بدلائي سگهي.
- سبق پڙهي، اشارن جي مدد سان خلاصو لکي سگهي.
- ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.
- ماحول ۽ سماجي واقعن (راندين، ملاکڙن، ثقافتي ڏٺن ۽ تقريبن وغيره) بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڙ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڙ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- لفظن جا ضد لکي سگهي.
- ذهني آمادگيءَ جا سوال.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ١٤ – ١٧
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويڻ، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. سنڌ جي ثقافت جا سندر نمونا ڪهڙا آهن؟
٢. موهن جو دڙو ڪيترا سال پراڻو آهي؟
٣. سنڌ جي ڪِن به ٽن صوفي بزرگن جا نالا ٻڌايو.

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڙ چونڊائتا سوال.

١. تمدن
٢. سنڌي
٣. آڇر
۴. ۵ هزار
۵. اهيجاڻ

(ب) سوالن جا جواب:

١. زندگي گذارڻ جي طريقي کي ثقافت چئبو آهي.
٢. شاهه جو رسالو ۾ ذڪر ڪيل ٽن سورمين جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:
(i) سسئي
(ii) مارئي
(iii) سهڻي
٣. سنڌ جي ثقافت جو ڏاڙو هر سال ڊسمبر جي پهرين آڇر تي ملهايو ويندو آهي.
۴. سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪوڏي ڪبڊي، ٻلهاڙي، والي بال ۽ ٻيون ڪيتريون ئي راندیون کيڏيون ويندیون آهن.

۵. سنڌ جا ماڻهو دنيا ۾ مهمان نوازيءَ جي خوبيءَ ڪري تمام مشهور آهن.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
ثقافت	ثقافت	سنڌ جي ثقافت دنيا ۾ مشهور آهي.
سليس	آسان	سنڌي ٻولي سليس آهي.
ٻولي	زبان	سنڌي ٻولي منڌي ٻولي آهي.
آڌرياءُ	استقبال	ڳوٺ وارن اسان جو سهڻيءَ ريت آڌرياءُ ڪيو.
فرض	فرض(لازم)	نماز اسان مسلمانن تي فرض آهي.

(د) لفظن جا ضد

لفظ	ضد
اڌاري	نقدي
حرام	حلال
انتها	ابتدا
پڇاڙي	اڳياڙي
آسمان	زمين

(ه) زندگي گزارڻ جي طريقي کي ثقافت چئبو آهي. ثقافت جي تشڪيل ۾ ٻه شيون تمام اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، هڪ ٻولي ۽ ٻيو مذهب. جيئن ته انسان جو تعلق انهيءَ زمين سان آهي جتي هو رهي ٿو تنهنڪري انهي زمين جي ساخت، آبهوا، آبادي، ريتون رسمون ۽ گهر گهاٽ وغيره سندس زندگيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا. ثقافت ۾ ذهني ترقي، ادب ۽ اخلاق، تهذيب ۽ تمدن اچي وڃن ٿا.

سبق جو خلاصو

ثقافت لفظ جي سليس اکرن ۾ معنيٰ آهي "زندگي گذارڻ جو طريقو". ثقافت جي تشڪيل ۾ ٻه شيون تمام اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، هڪ ٻولي۽ ٻيو مذهب. جيئن ته انسان جو تعلق انهيءَ زمين سان آهي جتي هو رهي ٿو تنهنڪري انهي زمين جي ساخت، آبهوا، آبادي، ريتون رسمون ۽ گهر گهاٽ وغيره سندس زندگيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا. ثقافت ۾ ذهني ترقي، ادب ۽ اخلاق،تهذيب ۽ تمدن اچي وڃن ٿا.

سنڌ جي ثقافت پيار، محبت، رواداري، سهڻي سوچ ۽ مهمان نوازي جو اعليٰ مثال آهي. سنڌي ماڻهو دنيا ۾ پنهنجي مهمان نوازي جي ڪري مشهور آهن. ان کان علاوه منجهن احسان ڪرڻ، صبر ڪرڻ، شڪر گذار رهڻ، نماڻائي وغيره بزرگن پاران مليل معياري تعليم ۽ تربيت جو نتيجو آهي. سنڌي ثقافت سمورن لطيفي فنن سان مالا مال آهي. موهن

جي دڙي جي تهذيب کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ٽوپي ۽ اجرڪ سنڌي ثقافت جا اهڃاڻ آهن.

هر سال ڊسمبر جي پهرين آچر تي سڄي دنيا جا سنڌي ثقافت جو ڏينهن ملهائيندا آهن. سنڌ جي ثقافت جون پاڙون سنڌو ماٿر جي تمدن ۾ آهن. سنڌ جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ رڳو ڪجهه ڏينهن يا سالن تي ٻڌل ناهي، سنڌ جي ثقافت، هتان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ تهذيب جو تسلسل موهن جي دڙي جي 5 هزار سال پراڻي تاريخ، ڪوٽ ڏيجي، رني ڪوٽ ۽ نيرون ڪوٽ جي آثارن سان ملي ٿو. سوئي ۽ سڳي وسيلي ٺهندڙ ٽوپيون ۽ مختلف مرحلن دوران تيار ٿيندڙ اجرڪ ئي رڳو سنڌ جي ثقافت جو اهڃاڻ ناهن پر اسان جي گهرن ۾ رليون، اڱڻ، قميصن، چادرن ۽ ٻين شين تي ٿيندڙ پرت جو ڪم، سيم تي ٺهندڙ جتيون، ڪُسا، ڪاشي، جنڊي ۽ مٽيءَ مان ٺهندڙ ٺانوَ سنڌ جي سُهڻي ثقافت جا سُندر نمونا آهن

سنڌ جي ثقافت رڳو ٽوپي، اجرڪ ۽ پٽڪي تائين محدود ناهي پر اسين هڪ تمام وڏي تاريخي ثقافت رکندڙ قوم آهيون، جنهن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. ڳوڻن ۾ رهندڙ ڳوڻاٽن جون راندیون ۽ سنڌ جي ثقافت جو هڪ اهم حصو آهن، جن ۾ ڪوڏي ڪوڏي، ڪبڊي، ٻلهاڙي، ملهه، ونجه وٽي، والي بال ۽ ٻيون ڪيتريون ئي راندیون آهن. مطلب ته اسان کي پنهنجي سنڌ جي ثقافت تي تمام گهڻو ناز آهي. سنڌ جي ثقافت جي ڏهاڙي کي هٿي ڏيارڻ لاءِ ضروري آهي ته ان ڏينهن تي ثقافتي، فني ۽ ادبي ميڙاڪا منعقد ڪيا وڃن، ثقافتي، فني، هنري ۽ ادبي ميڙاڪن سان گڏ ثقافت جي مڃڻي رسمن کي متعارف ڪرايون ته جيئن اينڊڙ نسل ۽ سنڌ جي ثقافت تي عمل ڪندي فخر ڪن.

اضافي سرگرميون

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ٻاراڻي ادب تي ڪو ٻه مشهور ڪتاب لائبريري مان جاري ڪرائي ڪلاس ۾ شاگردن آڏو سچائيءَ بابت ڪا ٻه دلچسپ ڪهاڻي بلند آواز ۾ پڙهي ٻڌايو ڪلاس جا سيئي شاگرد خاموشيءَ سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ۽ آخر ۾ ڪلاس جي شاگرن کان معلوم ڪيو ته اوهان ان ڪهاڻيءَ مان ڇا پرايو؟
- ڊسمبر جي پهرين آچر تي سنڌ جي ثقافت جو ڏينهن هوندو آهي. ان ثقافتي ميڙاڪي ۾ شرڪت ڪري ان بابت اوهان پنهنجي دوستن کي معلومات ڏيو ته ڪهڙيءَ ريت سنڌ جي ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. بعد ۾ شاگردن کان ثقافت بابت راءِ وٺو ته ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون اوهان کي وڌيڪ دلچسپ لڳيون ۽ ڇو؟

سبق ڇهون

سُر يمن ڪلياڻ

سکيا جي حاصلات

- شاھ عبداللطيفؒ جا بيت درست اُچار ۽ روانيءَ سان پڙھي سگھي.
- شاھ عبداللطيفؒ جي بيتن جي معنيٰ ۽ مفھوم کي سمجھي سگھي.
- شاھ عبداللطيفؒ جي شاعريءَ ۾ پيش ڪيل منظر نگاريءَ کي سمجھي لکي سگھي.
- تشبيه کي سمجھي، جملي ۾ ڪم آڻي سگھي.
- شاھ عبداللطيفؒ جي بيتن ۾ آيل نون لفظن جي معنيٰ ڄاڻي سگھي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي.
- نظم جون سمجھاڻيون سمجھي ۽ لکي سگھي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگھي.
- شاھ جو رسالو بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگھي. .
- مطلع ۽ مقطع جي وصف سمجھي سگھي.

ذهني آمادگيءَ جا سوال:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گھرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏھن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ١٨ – ٢٠
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال کيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه نظم طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال کيا ويندا.
- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا کيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو، بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. "سُر يمن ڪلياڻ" جو ڇا مطلب آهي؟

٢. هنن بيتن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ڇا مقصد آهي؟

٣. شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي "الف" مان ڇا مراد آهي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. ساريائون

٢. الدَارَيِن

٣. سُجاتُم

۴. رُوحن

۵. گڏيم

(ب) سوالن جا جواب:

١. هي نظم شاهه جو رسالو جي "سُر يمن ڪلياڻ" مان ورتل آهي.

٢. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي "الف" مان مراد الله آهي.

٣. هن بيت ۾ شاعر جو مقصد اهو آهي ته جن انسانن جي زندگيءَ جو مقصد صرف ۽ صرف پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ آهي، انهن لاءِ هيءَ دنيا ڪا به حيثيت نه ٿي رکي. جيڪي انسان دنيا جي هر خواهش ختم ڪري هر موڙ تي الله کي راضي ڪرڻ لاءِ پيا جستجو ڪندا رهندا آهن، اهي ئي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻيندا آهن. الله جي ذات به انهن تي راضي رهندي آهي.

۴. جن کي دورُ درد جو سبق سُورَ پڑهن،
فکرَ فرهي هٿ ۾ ماڻِ مطالع ڪِن،
پنو سو پڑهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي.

۵. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ۱۱۰۲ هجري ۾ جائو هو.

(ج) هينين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
سُڄڻ	راسته	صحيح سُڄڻ تي هلڻ وارا ڪامياب ٿيندا آهن.
رسيلا	لذيذ	با ادب انسان هر موڙ تي رسيلا ٿيندا آهن.
وصال	موت/ ملاقات	هر انسان جي زندگيءَ ۾ وصال اچڻو آهي.
وِترا	زياده	ڪاميابيءَ جي انتظار ۾ وِترا ڏينهن ٿي ويا آهن.
وڍُ	زخم	انسان کي وڍ نه ڏيڻ گهرجي.

سرگرمي

- بيتن جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هنن بيتن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟ شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جن شاگردن جو جواب بهتر هوندو انهن کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول جي لائبريري ۾ موجود "شاهه جو رسالو" مان سُر ڪاموڏ جا ڪي بہ پنج بيت پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.

سبق ستون

شمسي توانائي ۽ اُن جا فائدا

سکيا جي حاصلات

- ڪنهن بہ نثر پاري کي سولو ڪري لکي سگهي.
- ڪنهن بہ فطري، اخلاقي يا قومي موضوع تي ڪلاس ۾ پنهنجي اندر جو آواز درست اُچار ۽ لهجي سان پيش ڪري سگهي.
- مضمون جي مزاج موجب لکٹيءَ جي نموني جي چونڊ ڪري لکي سگهي.
- روزمرھ جي زندگيءَ جي مسئلن ۽ واقعن ۾ پنهنجي جاڻ، مشاهدن ۽ تجربن بابت ڳالهائي سگهي.
- بجلي، پاڻي ۽ گئس جي درست استعمال جي جاڻ حاصل ڪري ۽ انهن جا بِل پڙهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- زمان حال استمراري جي وصف سمجهي ۽ ان بابت جملا لکي سگهي.

ذهني آمادگيءَ جا سوال:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٢١ – ٢٣
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال کيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال کيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو، بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. سولر پينل بابت اوھان ڇا ٿا ڄاڻو؟

٢. شمسي توانائي ڇا کي چئبو آھي؟

٣. شمسي توانائيءَ جا ڪي بہ تي فائدا ٻڌايو؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال

١. نئين

٢. سِج

٣. ٧٢

٤. ٢٠١٥

٥. ٿي

(ب) سوالن جا جواب:

١. شمسي توانائي پيدا ڪرڻ جا ٿي مکيہ طريقا آھن.

- شمسي پينل

- شمسي حرارتي نظام
- مرڪوز شمسي توانائي

۲. سولر امپلس نالي جهاز جا پر ۷۲ ميٽر ڊگها آهن.

۳. ۱۹۰۷ع جي ڏهاڪي ۾ هڪ آمريڪي ڪمپنيءَ "ائسٽروفلائيٽ" شمسي توانائيءَ تي هلندڙ بنا پائليٽ وارو هوائي جهاز "ائسٽروفلائيٽ سنرائي" تجرباتي طور اڏاريو هو.

۴. سولر امپلس نالي جهاز ۾ ڪُل ۱۷۰۰۰ شمسي سيل لڳل آهن.

۵. شمسي توانائي مختلف مقصدن لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي. جهڙوڪ: روشني، گرم ڪرڻ، پچائڻ ۽ چارج ڪرڻ وغيره

(ج) هينئين لفظن جي معنيٰ لکي انهن جا جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
توانائي	طاقت/تندرستی	شمسي توانائيءَ مان تمام گهڻا فائدا آهن.
پنڌار	گدام	هر روز اپرندڙ سِج، نئين توانائيءَ جا پنڌار مهيا ڪندو رهي ٿو.
موزون	مناسب	اولاد جي موزون تربيت ڪرڻ گهرجي.
ڦير ڦار	تبديلی	سنڌي جي سليبس ۾ ڦير ڦار ڪئي وئي.
آلودگي	گندگی	آلودگي جي ڪري انسان جي صحت کي وڏو نقصان رسي ٿو.

(د) زمان حال استمراري جا مختلف قسمن جا پنج جملا

۱. مان خط لکان ٿو پيو (بياني جملو)

۲. تون هن وقت تائين چا ٿو ڪرين پيو؟ (سوالي جملو)

۳. تون رات تائين امتحان جي تياري ڪندين پيو. (امري جملو)

۴. الا! اوهان هن وقت تائين تيار ٿيو پيا. (ندائي جملو)

۵. افسوس! مان ڪامياب نه ٿي سگهيس. (ندائي جملو)

عبارت جي وضاحت:

دنيا ۾ هٿرادو طريقي سان جيڪا بجلي تيار ڪئي ويندي آهي. ان مان اسين بيشمار فائدا ته بلڪل حاصل ڪري رهيا آهيون پر غور ڪجي ته ان مان فائدن سان گڏ نقصان به آهن. جهڙوڪ. گندگي، گوڙ مرڻ جو خطرو ۽ مهانگي بجلي. پر شمسي توانائي رستي جيڪا بجلي اسين پيدا ڪري رهيا آهيون، ان مان بيشمار فائدا آهن. جهڙوڪ: ڪوئلي يا تيل رستي حاصل ٿيندڙ بجلي جي پيٽ ۾ گهٽي سستي، سولي، صاف، مائي يعني بنا ڪنهن گوڙ ۽ غلاظت جي پيدا ٿئي ٿي ته ان سان فضا به غليظ نه ٿي ٿئي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- قدرتي وسيلن ”گئس، بجلي، پاڻي“ جي حفاظت ۽ ضايع ٿيڻ کان بچڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن، انهن لاءِ اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل ويب سائيٽ تان معلومات حاصل ڪري هڪ مضمون جي صورت ۾ لکي ڪلاس ۾ سڀني شاگردن اڳيان تقرير جي انداز ۾ پڙهندا. بعد ۾ شاگردن کان ان بابت راءِ ضرور وٺندا؟
- ڇا توهان کي پنهنجي علاقي ۾ بجلي، گئس جي لوڊ شيڊنگ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ يا اضافي بلن جا مسئلا درپيش آهن؟ پنهنجي ساڻي شاگردن کي ان بابت ٻڌايو ۽ ان مسئلي جو حل پڻ تجويز ڪيو.

سبق انون

مورڙو مير بحر

سکيا جي حاصلات

- ڪهاڻيون، تقريرون، هدايتون ۽ اعلان ٻڌي انهن تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- ڪهاڻي، ڊرامي، مضمون ۽ نظم جي فرق کي سمجهي پڙهي سگهي.
- ڪهاڻي، واقعي ۽ ڊرامي وغيره جي ڪردارن کي سمجهي پڙهي سگهي.
- ڏنل لفظن جي مدد سان ڪهاڻي ٺاهي سگهي.
- ڪهاڻين جي ڪردارن جي مثبت ۽ منفي روين کي نظر ۾ رکندي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- ڪنهن تصوير يا منظر کي آڏو رکندي مختصر آکاڻي لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد لفظن کي جمع ۾ تبديل ڪري سگهي.
- ڏهني آمادگيءَ جا سوال.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٢٥ – ٢٨
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ڏهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. سون ميڙي ڪير ھئي؟

٢. راجا دلو راءِ سنڌ جي ڪھڙي حصي جو حڪمران ھو؟

٣. گل ٻائي ۽ شير شاھ لڱ ڪھڙو پراڻو قبرستان آھي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

مناسب لفظ چونڊي ھيٺيان جملا مڪمل ڪريو.

١. مورڙي

٢. ڪات

٣. ڪلاچي

۴. شير شاھ

۵. ڇھن

(ب) سوالن جا جواب:

١. رزميہ جو مطلب "جنگي ڪارنامو يا بھادري جا ڪارنامو" آھي.

٢. مورڙي ميرِ بحر جو قصو سومرن واري دور جو قصو آھي.

٣. مورڙي ميرِ بحر جا ڇھ پائر ھئا، جن جا نالا ھيٺ ڏجن ٿا.

پنيھر، اڳارو، مانجھندو، لالو، سانئل ۽ ھنجہ ڪراڙو

۴. راجہ دلو راءِ سنڌ جي لاڙواري حصي جو حڪمران هو.

۵. هن ڪهاڻيءَ ۾ بهترين ڪردار مورڙي جو آهي ڇاڪاڻ تہ هو معذور هجڻ باوجود عقل جو مظاهرو ڪندي مڇ کي ماري هميشہ لاءِ ڳوٺ وارن کي ان جي ظلم ۽ ڏاڪاءَ کان بچائي ٿو ۽ هن ڪهاڻيءَ جو منفي ڪردار مڇ جو آهي جيڪو ڪيترن ئي انسانن جون جانيون ڦڙڪائي چڪو هو.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي انهن جا جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
گهاتو	مچھلی پھنسانے والا	رات دير تائين گهاتو گهر نہ موٽيا.
سورهيائي	بہادری	مورڙي جي سورهيائي پنهنجو مٽ پاڻ آهي.
هوڙا	کشتیاں	ڪوڙڙي ٻڙاج وٽ مهاڻن جا ڪيترائي هوڙا بيٺل آهن.
پڙ	دانا/ماہر	طبيب پڙهائيءَ ۾ تمام پڙ آهي.
وَيرُ	انتقام	ڪنهن بہ انسان کان ويرُ ونڻ بدران کيس معاف ڪرڻ بهتر آهي.

(د) هيٺين لفظن جا جمع لکو.

واحد	جمع	واحد	جمع
سزا	سزائون	ڳالهِ	ڳالهيون
خطا	خطائون	منزلِ	منزلون
باهِ	باهيون		

ڪهاڻي

هڪ شڪاريءَ اناج جا داڻا ميدان ۾ رکي انهن هيٺيان هڪ ڄار وڇائي ڇڏيو هو. ڪجهہ دير کان پوءِ ڪبوترن جو هڪ ولر اتان گذري رهيو هو. ڪبوترن جي نظر اوچتو وڃي اناج جي داڻن تي پئي. انهن سوچيو تہ اناج جا داڻا کائي پيٽ ڀرجي. پر انهن ڪبوترن مان هڪ سياڻي ڪبوتر سڀني کي منع ڪيو تہ انهن اناج جي داڻن ۾ مونکي فريب ٿو لڳي. پر ان سياڻي ڪبوتر جي ڪنهن بہ نہ ٻڌي ۽ سڀئي ڪبوتر هيٺ لهي آيا. جيئن ئي ڪبوترن جو ولر هيٺ لٿو تہ سڀني جا پير ڄار ۾ ڦاسي پيا، جنهن تي سياڻي ڪبوتر چيو تہ مان اوهان کي روڪيو بہ پر منهنجي ڪنهن بہ نہ ٻڌي هو ڏسو سامهون ماري اچي رهيو آهي، هاڻي هڪڙو ڪم ڪجي سڀني جي هڪ مهل زور ڏئي اڏامڻ سان اسان جا پير ڄار مان نڪري سگهن ٿا. جڏهن سڀني ڪبوترن گڏجي زور لاتو تہ ڄار سميت سڀ ڪبوتر اڏامڻ لڳا. اهڙي طرح ڪبوترن جي اهڙي ٻڌيءَ سبب شڪاريءَ جي شڪار کان سڀ ڪبوتر بچي ويا. ان ڪري سياڻن سچ چيو آهي تہ ٻڌيءَ ۾ وڏي طاقت آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- مورڙو مير بحر جي قصو مان اوهان کي ڪهڙي ڳاڻ ملي؟ شاگرد هن قصي جي سيني ڪردارن بابت هڪ هڪ عبارت تي مشتمل پنهنجي پنهنجي راءِ لکي سيني آڏو اچي ٻڌائيندا.

سبق نائون

شهيد الله بخش سومرو

سکيا جي حاصلات

- تقرير ٻڌي موضوع مطابق پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.
- اخبارن ۾ ڏنل مواد پڙهي سمجهي سگهي.
- زمانن موجب مختلف قسمن جا جملا (بياني، سوالي، امري ۽ ندائي) ٺاهي سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏنل علمي، ادبي ۽ تفريحي مواد ڳولي ۽ پڙهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- حالت فاعلي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٢٩ – ٣٢

بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ

سنڌي ڊڪشنري

فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ڏهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويجن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو ته ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙهچا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو، بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي هڪ صوبي جي حيثيت ڪڏهن اختيار ڪئي؟

٢. شهيد الله بخش سومري جو والد ڪهڙو ڪم ڪندو هو؟

٣. مولانا عبيدالله سنڌي کي جلا وطنيءَ کان واپس آڻڻ ۾ ڪنهن اهم ڪردار ادا ڪيو؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. سورهيائي

٢. ١٩٢٣

٣. ١٩٣٦ع ۾

٤. ٽانگي

٥. ٤

(ب) سوالن جا جواب:

١. شهيد الله بخش سومرو ١٩٠١ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.

٢. الله بخش سومري ١٩٢٣ع ۾ سياست ۾ قدم رکيو.

٣. سنڌ جو وڏو وزير ٿيڻ کان پوءِ شهيد الله بخش سومري سنڌ جي سڌاري لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا. جن ۾ سکر جي واهن جو انتظام سڌارڻ، پاڻ گهٽ پگهار تي سچائي ۽ مخلصي تحت ڪم سر انجام ڏيڻ، صوبي جي خرچن ۾ گهٽتائي پيدا ڪري خاص ڪمن تي وڌيڪ زور ڏيڻ، اعزازي مئجسٽريٽن کي ختم ڪرڻ، سنڌ جي استادن جي پگهارن ۾ اضافو آڻڻ، ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي واپس سنڌ آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ شامل آهن.

٤. الله بخش سومري کي ١٤ مئي ١٩٤٣ع تي ٽانگي ۾ ڏينهن ڏني جو گولين هڻي شهيد ڪيو ويو.

٥. شهيد الله بخش سومري ڪالرا جي مرض کان بچڻ جا حفاظتي انتظام ڪيا هئا.

(ج) ڏنل بياني جملن کي سوالي، امري ۽ ندائي ۾ تبديل ڪريو.

نمبر	جملا	جملا	گرامر موجب
۱	هو پارڪ ويندو آهي.	هو پارڪ ڇو نہ ٿو وڃي؟	سوالي
۲	علي اسڪول جو هوم ورڪ ڪري.	علي اسڪول جو هوم ورڪ ڇو نہ ڪيو ڪري.	سوالي
۳	آءُ ڪراچيءَ ۾ رهندي آهيان.	هاڻي تون ڪراچيءَ ۾ رهندينءَ.	امري
۴	اسان کي ڏاڍو مزو ايندو.	واهه واهه سان کي ڏاڍو مزو ايندو.	ندائي
۵	منهنجي سالگره ۴ فيبروري تي آهي.	ڇا منهنجي سالگره ۴ فيبروري تي آهي؟	سوالي

(د) شهيد الله بخش سومري جي سماجي خدمتن تي مختصر نوٽ لکو

شڪارپور جي مشهور سياسي شخصيت، الله بخش ولد حاجي محمد عمر سومرو ۳۱ آگسٽ ۱۹۰۰ع تي پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم کان سيڪنڊري تعليم تائين شڪارپور ۾ پڙهيو. آخر ۱۹۱۹ع ۾ "هو مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، پنهنجي پيءُ سان گڏ جاين، سرڪاري رستن ۽ زمينن وغيره جي ٺيڪن ۾ هٿ وندائڻ لڳو. اهوئي سبب هو جو هي خاندان "مستريءَ" جي لقب سان سڏبو هو.

الله بخش، اسڪول جي زماني کان وٺي ڦٽڪ ۽ راندين جو شوقين هو. ان کانسواءِ تقريرن ڪرڻ ۾ به سندس مٽ کو چڀو لڳندو هو. مئٽرڪ بعد پڙهائي ڇڏي ڏنائين. سندس طبيعت خوش اَخلاقي ۽ فراخدليءَ طرف وڌيڪ مائل هئي، ان ڪري قومي ڪمن ۾ گهري دلچسپي وٺڻ لڳو. پوءِ ته عام و خاص جا ڪم ڪرڻ سندس مشغلو بڻجي ڏيو. انهيءَ سببان ماڻهن ۾ سندس مقبوليت وڌڻ لڳي، جنهن ڪري "سياست" ۾ حصو ورتائين.

نتيجو اهو نڪتو جو ۲۳ ورهين جي عمر ۾ ئي، هي صاحب، جيڪب آباد ميونسپالٽيءَ ۽ ضلعي لوڪلبورڊ سکر جو ميمبر چونڊجي ويو.

۱۹۲۶ع کان ۱۹۳۶ع تائين "بمبئي ڪائونسل" جو ميمبر به ٿي ڪم ڪيائين ۱۹۳۰ع ۾ سخت ٻوڏ کان شڪارپور کي بچائڻ لاءِ، پاڻ جنهن جانفشانيءَ ۽ قومي جذبي تحت ڪم ڪيو، تنهن ڪيس سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ امير ٻڌائي ڇڏيو. جو خود انگريزن به ڪيس انهيءَ صلہ ۾ "خانبهادر" جو خطاب ڏنو. ۱۹۳۶ع ۾ سنڌ جي عليحدگيءَ واري تحريڪ ۾ "متحد پارٽيءَ" جو صدر ٿيو. آخر ۱۹۳۸ع ۾ سر غلام حسين هدايت الله جي وزارت جو خاتمو آڻي، پاڻ سنڌ جو وزيراعليٰ ٻڌيو ۱۹۳۹ع ۾ سکر جي مسجد منزل گاه تان هندو مسلم فساد سندس تختا ڪيڊي ڇڏيا، جنهن ڪري سنڌ ۾ "مسلم ليگ" قائم ٿي.

جيئن ته الله بخش سومرو، قومي جذبو رکندڙ انسان هو. ڪيس عهدي جي ڪا به ڪاڻ نہ هئي، ڪانگريس ۽ هندو ميمبرن جي پرپور تعاون سان سنڌ ۾ وزارت ٺاهيائين. ۱۹۴۲ع ۾ "آل انڊيا ڪانگريس" پاران، انگريزن خلاف آواز اُٺيو.

سومرو صاحب، وزارتي عهدو ڇڏي، هميشہ هميشہ لاءِ ڪراچيءَ مان اچي شڪارپور ۾ رهيو. ۱۴ مئي ۱۹۴۳ع تي، صبح جي

وقت، جيئن ئي بگيءَ تي چڑهي، نيو فوجداري رود سان بيگاريءَ طرف پئي ويو. تہ فوجداريءَ جي سامهون، ڪن نامعلوم ماڻهن ڪيس ريوالور جو نشانو بڻائي، سندس اَنت آڻي ڇڏيو. هن اوچتي شهادت دوستن کي تہ نهيو پر دشمنن کي بہ غم آلوده بڻائي ڇڏيو.

شهيد الله بخش، سنڌ جو عظيم فرزند هو، جنهن سنڌ ۽ سنڌين لاءِ رات ڏينهن پاڻ پتوڙيو. سندس ڏنل قربانيون اسان ڪڏهن بہ وساري نہ ٿا سگهون. ظهير احمد سومرو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.

سبق ڏهون

سارنگ

سکيا جي حاصلات

- لفظن جا ضد سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- ٻٽن لفظن جي ترڪيب کي سمجهي جملو جوڙي سگهي.
- ضمير ۽ ان جا قسم سمجهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- سچل سر مست جي شاعري سمجهي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٣٣ – ٣٥
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويجن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ

هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.

- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

۱. سچل سر مست جي بيتن مان پهرين بند مان ڇا مراد آهي؟

۲. هنن بيتن ۾ سچل سر مست ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟

۳. لفظ "پرهڻتي پرپات" جو ڇا مطلب آهي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعہ مڪمل ڪريو.

۱. پات،

۲. گوڙيون

۳. ڪلهي ڪيا.

۴. سنگهارن

۵. بوندن

(ب) سوالن جا جواب:

۱. لفظ "سارنگ" جو مطلب آهي ڪڪر يا بادل.

۲. سچل سر مست هن بيت ۾ لکي ٿو ته جڏهن ٿر جي ڏڪاريل زمين تي برسات وسندي آهي ته رڻ ۾ ساوڪ ۽ شادابي اچي ويندي آهي. پکي به خوشيءَ منجهان صبح صبح جو منڍيون منڍيون ٻوليون ڳائيندا اڏامندا نظر ايندا آهن، هر پاسي مختلف قسمن جا گل خوبصورتيءَ ۾ اضافو آڻي ڇڏيندا آهن. ان وقت هر هڪ جي زبان تي برسات جي وسڻ جو ذڪر هوندو آهي.

۳. هن شعر ۾ حضرت سچل سر مست لکي ٿو ته جڏهن برسات وسڻ بند ٿي ويندي آهي ته پوءِ آسمان تي رنگا رنگي انبلٽ نظر ايندي آهي.

۴. هن نظم ۾ شاعر برسات جي موسم جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته جڏهن برسات پوندي آهي ته ٿر ۽ شهر جا ماڻهو توڙي پکي پکڙ سڀ خوش نظر ايندا آهن. قدرت جي نظارن جو منظر ائين نظر ايندو آهي جيئن ڪنهن انهن تمام قدرتي نظارن کي ڪيرسان ڏوئي صاف ڪيو هجي. برسات وسندي وسندي جڏهن آسمان تي رنگ برنگي انبلٽ نظر ايندي آهي ته پوءِ هر هڪ سمجهي ويندو آهي ته هاڻي برسات پوڻ بند ٿي وئي.

۵. سچل سر مست ستن ٻولين ۾ شعر چيو آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
سارنگ	بادل/برسات	سارنگ ٽر جي ماڻهن لاءِ خوشيءَ جو هڪ پيغام آهي.
صبح	صبح	صبح جو سوير اٿڻ گهرجي.
وڏ ڦڙا	برسات کے بڑے قطرے	سانوٽيءَ ۾ وڏ ڦڙا وسڻ لڳا.
صبر	برداشت	روزو انسان ۾ صبر جي طاقت پيدا ڪري ٿو.
سنگهارن	عزیز و عقارب	مارئيءَ سنگهارن لاءِ سپ ڪجهه قربان ڪيو.
اُسات	پیاس	گرميءَ ۾ اُسات وڌي وئي آهي.

سرگرمي

- بيتن جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هنن بيتن ۾ سچل سرمستؒ ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟ شاگردن کي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- گوگل تان سچل سرمست جي شاعري ڳولا ڪري. ان مان کي به پنج بيت ڪاپيءَ ۾ لکو.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

سبق يارهون

علم رياضي

سکيا جي حاصلات

- ڳالهايل لفظ ۾ڏي معلومات کي سمجهي سگهي.
- زمان حال استمراري، زمان ماضي استمراري ۽ زمان مستقبل استمراريءَ موجب جملا جوڙي سگهي.
- مفرد جملا سادن ۽ استمراري زمانن (حال، ماضي ۽ مستقبل) مطابق بدلائي سگهي.
- اي ٽي ايم جو استعمال ڄاڻي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- زمان مستقبل استمراري بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٣٦ – ٣٨
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويڻ، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف

ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. رياضت

٢. اٽويهين

٣. قديم

٤. ١٩٧٨

٥. ٢٠٠٢

(ب) سوالن جا جواب:

١. رياضي جو لفظ رياضت مان ٻڌيو آهي، ان جي معنيٰ سکڻ، مشق ڪرڻ يا پڙهڻ آهي.

٢. رياضي ۾ سڀ کان وڌيڪ معزز انعام جو نالو "فيلڊز ميڈل" آهي

٣. لفظ "ميٿميٽڪس" يوناني ٻوليءَ جي لفظ "ميٿيما" مان ورتل آهي.

٤. رياضي ۾ وولف انعام ١٩٧٠عيسوي ۾ قائم ڪيو ويو.

٥. قديم مصر، بين النهرين ۽ قديم هندوستان جي تهذيبن مان رياضي جا آثار مليا آهن.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- پنهنجي والد، والده ياءُ يا پيءُ سان گڏجي اي ٽي ايم مشين استعمال ڪرڻ جو طريقو سکي اسڪول ۾ ڪلاس جي سيني شاگردن اڳيان ٻڌايو ته اوهان ڪهڙيءَ ريت اي ٽي ايم مشين استعمال ڪئي.

سبق ٻارهون

نياڻين جو شانءِ مرتبو

سکيا جي حاصلات

- عبارت جي بنيادي خيال ءِ مقصد کي سمجهي پڙهي سگهي.
- درست اُچار ءِ ادائيگي سان لفظ پڙهي سگهي.
- بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪندي مربوط جملن جي مدد سان عبارت پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.
- تجنيس حرفي جي سُجاڻپ ڪري سگهي.
- لفظن جي اڳياڙين ءِ پڇاڙين کي سمجهي نوان لفظ ٺاهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر لفظن کي مؤنث لفظن ۾ تبديل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٣٩ – ٤٢
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويجن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ءِ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ءِ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. گھر ۾ نياڻيءَ جي پيدائش مان ڇا مراد آھي؟

٢. عورت نياڻيءَ جي روپ ۾ ڇا آھي؟

٣. دنيا ۾ ٻار جي پھرين تربيت گاھ ڪھڙي آھي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. اسلام ۾

٢. عورتن

٣. اسلام

۴. انسان

۵. نياڻي

(ب) سوالن جا جواب:

١. ھڪ ماءُ پنھنجي اولاد لاءِ پنھنجي شفقت، محبت، منڙي ٻولي، سھڻي لوريءَ سان اکين جي ڇانو ۾ ويھاري، سڇائيءَ جا موتي ميڙي، پاڻ کي اُس ۾ ويھاري. ھر تڪليف برداشت ڪندي اولاد جي بھتر کان بھتر طريقي سان تربيت ڪري ٻار کي زندگي گذارڻ جو ڍنگ عطا ڪندي آھي.

٢. جڏھن حضرت محمد خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي نياڻي سيده فاطم رضي الله تعاليٰ عنھا رضي الله تعاليٰ عنھا سندن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندي ھئي تہ پاڻ صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن اڻي بيھي انھن ڏانھن ڏيان ڏيندا ھئا. پوءِ پنھنجن ھٿن ۾ اُنھن جو ھٿ ونڊي چُمندا ھئا پوءِ انھن کي پنھنجي ويھڻ جي جڳھ تي ويھارينداھئا.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

۳. اسلام نياٽين کي احترام ۽ عزت جو مقام عطا ڪيو آهي. عورت ۽ مرد جي برابريءَ جي سوچ سڀ کان پهرين دنيا ۾ صرف اسلام ئي پيش ڪئي. اسلام ۾ نياٽين جي سڻي پرورش ۽ تربيت ڪرڻ تي جنت جي خوشخبري ٻڌائي، انهن کي جنت حاصل ڪرڻ جو سبب ۽ ذريعو قرار ڏنو ويو.

۴. والدين کي گهرجي تہ نياٽين جي پيدائش تي الله جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ نياٽين جي پرورش بهتر کان بهتر انداز ۾ ڪري انهن جي زندگيءَ کي جنت جي باغن جيان مهڪائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي اهڙي سٺي ۽ پرپور تربيت ڪجي جو هو زندگيءَ جي هر موڙ تي والدين جو سچائي ۽ خلوص دل سان احترام ڪن ۽ ڏڪ سڪ ۾ رهڻ پسند ڪن.

۵. هن سبق مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي تہ اسين جيترو قدر، پيار، محبت، سچائي، خلوص، عزت ۽ احترام پنهنجي نياٽين ۽ پينرن سان ڪيون ٿا، اهڙي طرح اسان کي گهرجي تہ اسين پين جي نياٽين سان بہ سچائي، خلوص، عزت ۽ احترام سان پيش اچون. ائين ڪرڻ سان ئي بهترين معاشرو قائم ٿي سگهي ٿو.

(ج) هيٺين لفظن جا مذڪر ۽ مؤنث لکو.

مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
چوڪرو	چوڪري	ٻلو	ٻلي
پُٽ	نياڻي	پولڙو	پولڙي
سياڻو	سياڻي	مرد	عورت

(د) هيٺين ڏنل عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪريو.

اسين جيترو قدر، پيار، محبت، سچائي، خلوص، عزت ۽ احترام پنهنجي نياٽين ۽ پينرن سان ڪيون ٿا، اهڙي طرح اسان کي گهرجي تہ اسين پين جي نياٽين سان بہ سچائي، خلوص، عزت ۽ احترام سان پيش اچون. ائين ڪرڻ سان ئي بهترين معاشرو قائم ٿي سگهي ٿو.

نياٽين جي اهميت

ڪو بہ سماج عورت جي وجود کان سواءِ اڳتي وڌي نہ ٿو سگهي، عورت جي عدم موجودگي ترقي پذير سماج جي سڌو سنئون نفي ڪري ٿو. حضرت بيبي حوا، حضرت آدم عليہ السلام جي پاسرائيءَ مان جائي. تنهن کان پوءِ زمين تي سماج جي نشو نما ٿي. انسانن جو وجود ٿيو ۽ دنيا آباد ٿي. اها آبادي عورت جي وجود سان ئي تخليق ٿي.

اِها حقيقت آهي تہ نياڻي ست قرآن آهي، پر تعليم جي گهٽتائيءَ سبب اهو مقام ۽ رتبو ڪو نہ ٿو ڏنو وڃي. جنهن جي هوءَ حقدار آهي. الميو اِهو آهي تہ پُٽ جي مقابلي ۾ نياڻيءَ کي بنيادي ضرورتن ۽ سهولتن کان محروم رکيو وڃي ٿو. جنهن جي ڪري اُهي سماج ۽ ماحول جي بيٽل پاڻيءَ جيان سينوارجي ۽ بدبودار ٿيو وڃن. انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ نياڻيءَ جي اهميت کي سُجاڻيندي انهن جي پرورش ۽ پالنا تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. انهن کي خود مختار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن کي

تعليم جي زيور سان آراستہ ڪجي. اِها حقيقت آهي تہ گهر ۾هڪ عورت پڙهيل هوندي تہ سمورو گهر سُلجهيل ۽ سنواريل هوندو ۽ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ان جون نسلون تهذيب يافتہ ٿي سگهن ٿيون.

پڙهيل لکيل عورت ئي بهترين معاشري جي نشو نما ڪري سگهي ٿي نہ تہ تاريخ ۾ وڏا وڏا مثال ملن ٿا تہ پٽرن واري دؤر ۾ نياڻين کي مصيبت ڪوٺيو ويندو هو ۽ جيئري قبرن ۾ پوريو ويندو هو. اهڙا معاشرا هميشہ پوئتي ئي رهجي ويندا آهن ۽ جن جن گهرن ۾ نياڻين کي اهميت ڏني وئي اهي اڳتي وڌندا رهيا. پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جو مثال اسان جي سامهون آهي تہ انهن نياڻين کي اهميت ڏني ۽ انهن جي عزت ڪرڻ لاءِ تاڪيد بہ ڪئي. حضرت بيبي خديجة الکبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها کان وٺي حضرت بيبي عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها تائين پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جو تمام انسانن لاءِ وڏو مثال سامهون آهي. ان دؤر ۾ جيڪو جهالت جو دؤر هيو پر پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن عملي طور تي انسانن کي عورت جي عظمت جو درس ڏنو. گهر جي روزمره جي ڪمن ڪارين ۾ هٿ وندائڻ، بيماريءَ جي حالت ۾ ان جي مدد ڪرڻ ۽ پنهنجا ڪم عورت تي نہ مڙهڻ ۽ پاڻ ڪري ان جي مدد ڪرڻ وغيره جا وڏا ۽ انيڪ مثال ڏنائون. جيڪي اڄ جي دؤر جي سماج جي هر فرد لاءِ سبق آموز آهن. سو پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي پوري زندگي عورت جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جو واضع ثبوت آهي.

(ڈاڪٽر سيما ابڙو)

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- اسان کي نياڻين جي ڪهڙيءَ ريت عزت ڪرڻ گهرجي؟ نياڻين جي عظمت تي شاگرد تقرير لکي ايندا. اها سيني جي آڏو پڙهندابعد ۾ استاد فيصلو ڪندو تہ ڪهڙي شاگرد جي تقرير قابل تعريف هئي ۽ ڪنهن جي تقرير ۾ ڪهڙي ڪمي هئي. ان کان اڳ استاد پاڻ شاگردن کي تقرير ڪري ٻڌائيندو.

سبق تيرهون

پورهيت جي عظمت

سکيا جي حاصلات

- هم معنيٰ لفظن کي سمجهي استعمال ڪري سگهي.
- ساڳي صورت وارن لفظن جي مختلف معنائن کي سمجهي سگهي.
- ڪنهن بہ فن پاري جي جوڙجڪ ۾ گرامر جي اصولن تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- درسي ڪتابن کان سواءِ ٻيا ڪتاب پڙهي انهن جو حاصل مطلب سمجهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- اصطلاح جي وصف آسانيءَ سان سمجهي سگهي.
- تجنيس تام جي وصف سمجهي تجنيس تام لفظن جي سجاڻپ ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ۴۳ – ۴۵
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

۲ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظر جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظر جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظر جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظر پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهائي ويندي، بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

۱. "پورهيت جي عظمت" مان ڇا مراد آهي؟
۲. استاد بخاري جو اصل نالو ڇا آهي؟
۳. مزدور جي محنت ۽ عظمت تي ڪي به ٻه جملا لکو.

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

۱. پُتلو
۲. مڇيل
۳. پَٽ
۴. ڳاهين
۵. قوم

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هن نظم ۾ شاعر اها نصيحت ڪئي آهي ته هڪ هاري ڏينهن رات محنت ڪري پاڻ ته سادي طريقي سان زندگي گذاري ٿو پر ٻين جي لاءِ هر طرح جون آسائشون پيدا ڪري ٿو. ان جي باوجود به هاريءَ کي اهو مانُ نه ٿو ملي جيڪو ڪيس ملڻ گهرجي.
۲. "ڏرت ڏکر سان سينو ساهين" مان مراد هاري ڏکن ۽ تڪليفن ۾ به زندگي گذاري الله جو هر موڙ تي شڪر ادا ڪندو آهي.
۳. "پورهيت جي عظمت" مان مراد محنت ڪندڙ انسان کي هر هنڌ عزت ملندي آهي.
۴. هن بند ۾ شاعر جو مقصد اهو آهي ته هاري بيحد با همت ۽ باڪردار انسان آهي، ڇاڪاڻ ته هو ڏک درد ۽ تڪليف جي صورت ۾ به زندگي گذاري الله جو شڪر ادا ڪندو آهي. هو ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي. هاريءَ جي اها خاصيت آهي ته هو پنهنجي پيشي سان مخلص هوندو آهي. هاريءَ جي محنت ئي قوم جي عزت آهي.
۵. هن نظم ۾ شاعر (استاد بخاري) هاريءَ جي محنت ۽ مخلصيءَ بابت تعريف بيان ڪري رهيو آهي. هن نظم ۾

شاعر اسان کي اهو پيغام ٿو ڏئي تہ هاري صبح هجي يا شام، رات هجي يا ڏينهن، گرمي هجي يا سردي، سکيو هجي يا تکليف ۾ پر هو هر حال ۾ پنهنجي محنت پاڻ تحت ڪم سر انجام ڏيندو آهي ۽ اهو بہ نهايت سچائي ۽ مخلصيءَ سان، ان ڪري هاريءَ جي محنت ئي ملڪ ۽ قوم جي عزت آهي. هاريءَ جي خاصيت اها بہ آهي تہ هو قوم جي لاءِ اناج اپائي پاڻ انتهائي سادگيءَ واري زندگي گذاريندو آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
پورهيت	مزدوری کرنے والہ	پرهيت الله جو دوست آهي.
پُتلو	مجسمہ	مرڻ کان پوءِ انسان هڪ پُتلو آهي.
غربت	غریبی	غربت ۾ بہ الله جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.
همت	ہمت	همت ڪري هر ڪم سر انجام ڏيڻ سُٺي عادت آهي.
علم	علم	علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي.

(د) اصطلاحن جي سنڌيءَ معنيٰ

اصطلاح	معنيٰ (سنڌي ۾)
نينهن نيائڻ	ساڻ نيائڻ
پاڻ ملهائڻ	پنهنجي محنت پاڻ ڪرڻ
ڳڻ ڳائڻ	تعريف ڪرڻ
سُهڻو سلوڪ ڪرڻ	عزت ڏيڻ
پنهنجو متُ پاڻ هڻڻ	بي مثال شخصيت ٿيڻ
کير کنڊ ٿيڻ	پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ

(ه) هم معنيٰ لفظ

پچاڙي	آخر
عقلمند	ذهين
ڳڻتي	پريشاني
انُ	اناج
مشورو	راءِ

شاعر جو تعارف

استاد بخاري ولد حاجن شاھ جديد شاعريءَ ۾ ھڪ ناميارو نالو آھي. استاد بخاري ١٦ جنوري ١٩٣٠ع تي ڳوٺ غلام چانڊيو ضلعي دادو ۾ ڄائو ھو. استاد بخاريءَ پرائمري کان سنڌي فائينل ١٩٤٤ع تائين ڳوٺ غلام چانڊيو ضلعي دادوءَ ۾ پڙھيو. ١٩٤٧ع ۾ پرائمري استاد ٿيو ان دوران پڙھندو آيو. ١٩٦٤ع ۾ ايم اي سنڌي ڪيائين ۽ ١٩٦٧ع ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. آخر ۾ دادو ڪاليج (جيڪو ھاڻي استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو سڏيو وڃي ٿو) مان اسسٽنٽ پروفيسر طور ١٩٩٠ع ۾ رٽائر ڪيائين استاد بخاري جو شاعريءَ ۾ تخلص"استاد" آھي. استاد بخاري شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز کان پوءِ سنڌ جو وڏو شاعر شمار ٿئي ٿو. استاد بخاري ٩ آڪٽوبر، ١٩٩٢ع تي ٦٣ سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو.

عام ادبي معلومات

١. مثنوي کي سنڌي ۾ دوھو چيو ويندو آھي.
٢. سنڌي ۾ ناول جو باني مرزا قليچ بيگ کي چيو ويندو آھي.
٣. ناول جي معنيٰ آھي " نئين ڄاڻھ يا عجيب شيءَ " .
٤. ڄام تماچي سما گھراٽي جو راجا ھو.
٥. سنڌ تي سمن اٽڪل ١٧٠ سال حڪومت ڪئي.
٦. سنڌي صحافت جي شروعات " معين الاسلام " کان ٿي.
٧. سچل سر مست جي استاد جو نالو خواجہ عبدالحق ھو.
٨. فقير بيدل جو پورو نالو " قادر بخش" آھي.
٩. شيخ اياز جو جنم شڪارپور شھر ۾ ٿيو.
١٠. سيڪ کان پھريون ڄيڄ سومرن جي دور ۾ مائي موركان شيخڙ لکيو ۽ ڳايو.

سرگرمي

- بيتن جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- ھنن بيتن ۾ استاد بخاري ڪھڙو پيغام ڏنو آھي؟ شاگردن کي ان بابت پنھنجي خيالن جو اظھار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنھن شاگردن جو جواب بھتر ھوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.

• اسڪول جي لائبريري ۾ موجود "شاھ جو رسالو" مان سُر ڪاموڏ جا ڪي ٻہ پنج بيت پنھنجي ڪاپيءَ ۾ لکو.

۱. نوريءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجَھلُ ھوءِ،
سَمو سِرُ سَڃِڻِ ۾، مي مُورڇيو سوءِ،
اَڇيو اُڀِيَن پوءِ، حُجَتَ ٻَڌِي راڻِيين.

۲. مُھاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نہ گِيرَبُ نہ گاءُ،
نيڻَنِ سِين نازُ ڪَري، رِيجھايائِين راءُ،
سَمو سَڃِڻِ مُلاءُ، ھيرِيائِين حِرفَتَ سين.

۳. نہ وَڍِي نہ وِڪِڻي، نہ ڪَٽي ۾ ڪاري،
اُھجَ، سُھجَ ساھِيُون، ڏُرِيان نہ ڏاري،
سائي پَرِ پاري، جا گھرِ سَمي جي سَڃَڇي.

۴. ھيڻِ جَرُ، مَٽي مَجَرُ، ڪنڊِيءَ ڪونرَ تَرَنِ،
وَرِئي واھوندَنِ، ڪِنجُھرُ ڪَٿُورِي ٽئي.

۵. وِريءَ جي نَوازِيو، ٽِيو تَماڇِي تي،
گاڏِيءَ ڇاڙھيءَ گندِري، ماڙھو ڪيو مي،
ڪِنجُھرِ ڇُوندا ڪي، تہ سَچُ سَيائِي ڳالَھڙِي.

سبق چوڏهون

وتايو فقير

سکيا جي حاصلات

- لطيفن ۾ پرولين ۾ لکيل ڏاهپ کي سمجهي پڙهي سگهي.
- حرف ندا (خوشي، عجب، افسوس، ارمان، تمنا وغيره) جو جملن ۾ درست استعمال ڪري سگهي.
- لطيفن، چوٽين، پهاڪن ۽ ٽوٽڪن کي پڙهي / ٻڌي پنهنجي پسند جو اظهار ڪري سگهي.
- مزاحيہ نظم پڙهي / ٻڌي پنهنجي تاثراتن جو اظهار ڪري سگهي.
- ٻارن جا رسالا ۽ اخبارون وغيره پڙهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- ڳجهارت بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٤٦ – ٤٩
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيکي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. وتائي فقير سنڌ جي ڪھڙي شھر ۾ جنم ورتو؟
٢. وتائي فقير جو ڪو بہ ھڪ مشھور گفتو ٻڌائيندا؟
٣. وتائي فقير جا وڏا اصل ۾ ڪير ھئا؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. عوامي
٢. ماني
٣. ميلھورام
۴. گفتي
۵. اُلھندي

(ب) سوالن جا جواب:

١. وتائي فقير جو اصل نالو وتن مل ھو.
٢. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ سندس اصل نالو شيخ طاھر ھو.
٣. وتايو دنيا جي انھن عظيم ھستين مان ھڪ ھو. جيڪي انسان ذات لاءِ ھادي ۽ استاد ٿي آيا، جن انسانن کي اخلاص، اخلاق ۽ انسانيت جي سکيا ۽ ساڃاھ ڏني، ماڻھن کي پاڻ ۾ پريت ونڊڻ ۽ ڏرتيءَ جو ناتو نياڻڻ جو سبق ڏنو.
۴. ”ھڪڙي ڀگالہ امان جي وس ۾ بہ آھي“ اھو جملو وتائي فقير ان ڪري چيو ھو تہ سندس والدہ سوچ ۽ سمجھ مطابق جيڪو مناسب سمجھندي ھئي اھو پچائيندي ھئي.

۵. وتايو فقير آخر ۾ شيخ لوهڑو جي وستيءَ ۾ اچي رهيو ۽ اُتي ئي گذاري ويو.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
باهِ	آگ	باهِ وسامي وئي.
ڊپُ	خوف	رات جي وقت احمد کي ڏاڍو ڊپُ ٿئي پيو.
ڏاهپ	عقلمندی	بزرگن جا ڏاهپ وارا ڏس اسان لاءِ کارائتا آهن.
گُفتا	اقوال	وتائي فقير جا گفتا اڄ بہ مشهور آهن.
متلاشي	تلاش کرنے والا	انور نوکريءَ لاءِ متلاشي آهي.

(د) بي ترتيب لفظن کي ترتيب ڏئي جملا درست ڪيو.

۱. وتايو فقير هڪ عوامي ماڻهو هو. مجلسي زندگيءَ جو مور هو.

۲. هن جيڪا سچي ڳالهہ محسوس ڪئي هر ڪنهن کي مُنهن تي چئي ڏني.

۳. وتايو فقير يارهين صديءَ جو مانوارو بزرگ هو.

۴. سڀ گنهگار پاڻ سان گناه جي باهِ کڻي ويندا آهن.

۵. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سندس نالو شيخ طاهر رکيو ويو.

(ه) حرف ندا

۱. افسوس! آءُ زندگي فضول ڪمن ۾ گهاري ڇڏي.

۲. ڪاش! آءُ بہ محنت ڪريان ها، تہ ڪاميابي حاصل ٿئي ها.

۳. گهوڑا ڙي! گرمي تہ ماري ڇڏيو آهي.

۴. شاباس! اوهان جي ڪاپي ۾ صاف ستڙو ڪم ٿيل آهي.

۵. الا! ڪيڏي تہ گرمي وڌي وئي آهي.

(ز) وتائي فقير جي زندگيءَ تي مختصر نوٽ لکو.

وتايو فقير يارهين صديءَ جو مانَوارو بزرگ هو. هو نقشبندي طريقي جو هو ۽ سندس تعلق قادري بزرگن سان هو. لنواري وارن ۽ شاهہ حبيب سان اٺڻ ويهڻ هوس. هو نهايت مانائتي ۽ مڃيل علمي، ادبي ۽ روحاني ماحول ۾ پليو. سالڪن سان سندس صحبتون ٿيون. اتان پوءِ هو نصرپور آيو ۽ آخري عمر ۾ شيخ لوهڑو جي وستيءَ ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي گذاري ويو.

وتايو فقير هڪ عوامي ماڻهو هو. مجلسي زندگيءَ جو مور هو. سندس زندگي سادگي، سچائي ۽ پاڪيزگيءَ سان پُر هئي. هو فقير ـ تن درويش هو. هو پاڻ غريب هو ۽ غريبن جي وچ ۾ رهيو. انهن جي ڏُک کي پنهنجو ڏک سمجهندو هو. هن انهن ستايل سانگين جي، مدد ڪرڻ جو انوکو ڍنگ اختيار ڪيو. وتايو مسڪين کي ڪم ڪرڻ ۽ محنت مزوري ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو. هو انسان کي، عمل جو پتلو سمجهي ٿو. هو هن دنيا کي، آخرت جي کيتي سڏي ٿو. جيڪي هت پوکبو سو هت لڻبو. سزا جزا،

انسان جي عمل جو نتيجو آهي. سندس هي الفاظ تہ "دوزخ ۾ باھ ڪٽان آئي، هر ڪو هتان ئي ڪنيو ٿو ويجي." انسان کي نيڪ، پلي ۽ شريف بڻجڻ جي تلقين ڪري ٿو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ڪنهن ڪتاب، ٻارن جي رسالي، اخبار يا گوگل تان ڳولا ڪري ڪا بہ مزاحيہ نظم ۽ لطيفا لکي ڪلاس ۾ سيني شاگردن اڳيان پڙهي ٻڌايو.

سبق پندرهون

هاڪي راند

سکيا جي حاصلات

- ابلاغ جي ذريعن (ريڊيو، ٽيليويزن، سوشل ميڊيا ۽ فيس بڪ وغيره) تان خبرون، ڊراما ۽ فيچر ٻڌي سمجهي سگهي.
- نَوَن لفظن جي معنيٰ لُغت مان ڳولي سمجهي پڙهي سگهي.
- مختلف معلوماتي مواد سمجهي پڙهي سگهي.
- سبق پڙهي سوالن جا مناسب جواب لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- اسم عطفيہ جي وصف سمجهي ان جا مثال لکي سگهي.
- زمان ماضي بعيد جي تعريف ۽ ان جا مثال سمجهي لکي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٥٠ – ٥٣
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

۱. ڳوٺن ۾ ڪھڑيون ڪھڑيون راندیون کيڏيون ويندیون آھن؟
۲. ھاڪي راند جي بال جو رنگ ڪھڑو ھوندو آھي؟
۳. ھاڪي راند جو وقت ڪيترو ھوندو آھي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

۱. ٻن
۲. ايران
۳. يورپي
۴. ۱۹۴۸ع
۵. ۲۰

(ب) سوالن جا جواب:

۱. پاڪستان جي قومي راند ھاڪي راند آھي.
۲. ھاڪي راند جي ميدان جي ڊيگھ ۹۱.۴ ميٽر ۽ ويڪر ۵۵ ميٽر ھوندي آھي..
۳. ۱۹۰۰ع ۾ بين الاقوامي ھاڪي بورڊ جي اداري جو بنياد رکيو ويو.
۴. ھاڪي راند کي پھريون ڀيرو ۱۹۰۸ع ۾ اولمپڪس راندين ۾ رکيو ويو.
۵. ھاڪي راند جي راندیگرن جو انگ يارھن (۱۱) ھوندو آھي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
ورزش	ورزش	ورزش صحت لاءِ تمام ضروري آهي.
صحت	تندرستی	بزرگن جو قول آهي "صحت هزار نعمت آهي".
ملاکڙو	سندھی کشتی	ملاکڙو هڪ بهترين راند آهي.
مهارت	قابلیت	استاد کي پنهنجي مضمون تي مهارت حاصل آهي.
راندیگر	کھلاڑی	هاکي راند جا راندیگر يارهن هوندا آهن.

(د) واحد جمع

واحد	جمع
رنگُ	رنگَ
باغُ	باغَ
ٻکرُ	ٻکرَ
ٻارُ	ٻارَ
درُ	درَ

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ريڊيو ٽيليويزن، سوشل ميڈيا يا فيس بڪ وغيره تان پاڪستان هاکي ٽيم سان لاڳاپيل ڪا به خبر، فيچر يا مضمون پڙهي پوءِ ڪلاس جي ساڻي شاگردن سان معلومات شيئر ڪيو.

سبق سورهون

ادب ۽ اخلاق

سکيا جي حاصلات

- ڪمپيوٽر يا انٽرنيٽ جي ذريعي مليل مواد کي سمجهي پڙهي سگهي.
- لُغت مان لفظن جي معنيٰ ڳولي مفهوم سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.
- ظرف ۽ ان جي قسمن کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- لائبريري جو استعمال ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- عجب جي نشاني سمجهي ان جو درست استعمال ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٥٤ – ٥٦
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

١. هن نظم جو ڪهڙو شعر اوهان کي پسند آهي ۽ ڇو؟
٢. هن نظم ۾ شاعر ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
٣. "عاجزي ۽ انڪساري" جو ڇا مطلب آهي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

١. عظمت
٢. انڪساري
٣. خوف
٤. واٽ
٥. پاڪ

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم ۾ شاعر سيني سان ادب ۽ اخلاق وارو رويو اختيار ڪرڻ ۽ تڪبر کان بچڻ جي نصيحت ٿو ڪري.
٢. حقيقت ۾ انسان خاڪ (مٽي) آهي.
٣. انسان جي دل ۾ الله جو خوف هجڻ گهرجي.
٤. انسان جي دل پاڪ آهي.
٥. نظم جي آخري شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته جيڪي انسان زندگي فضول ڪمن ۾ گذارينداآهن ۽ پنهنجي حقن ۽ فرضن کي سمجهڻ جي ڪوشش بہ ناهن ڪندا، هر ڪم ۾ لاپرواهي ۽ غير ذميواري ڪندا آهن اهي انسان پنهنجي هٿن سان پاڻ پنهنجي زندگي تباهه ۽ برباد ڪندا آهن.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
هاڪ	مقبوليت	سنڌي ادب جي هاڪ دنيا ۾ هر هنڌ آهي.
خاڪ	مٽي	مرڻ کان پوءِ انسان خاڪ آهي.
واٽ	راستہ	الله، اسان کي نيڪ واٽ تي هلڻ جي توفيق عطا ڪري.
خوف	ڈر/خوف	اسان جي دل ۾ الله جو خوف آهي.
بيباڪ	بہادر	هوش محمد شيدي هڪ بيباڪ سپاهي هو.

(د) لفظن جا مؤنث

مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
شينهن	شينهڑ	لومڙ	لومڙي
نانگ	نانگڻ	مورُ	ڊيل
شهزادو	شهزادي		

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙو پيغام ڏنو ويو آهي؟ شاگردن کي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل ويب سائيٽ تان ڳولا ڪري ڪنهن به مشهور ڏاهي جا عاجزي ۽ انڪساري بابت لکيل قول پاڻ وٽ نوٽ ڪري ڪلاس ۾ سڀني شاگردن آڏو پڙهي ٻڌائيندا ۽ اهي قول هڪ چارٽ تي لکي ڪلاس جي سافٽ بورڊ تي پڻ لڳائيندا.

سبق سترهون

ماحولياتي گدلاڻ

سکيا جي حاصلات

- روانيءَ سان ڪيل گفتگو ٻڌي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- مختلف سماجي معاملن بابت روانيءَ سان گفتگو ڪري سگهي.
- پنهنجي ذات ۽ ماحول سان لاڳاپيل مسئلن ۽ ڪمن بابت درخواست ۽ خط وغيره لکي بيان ڪري سگهي.
- قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ پنهنجي ۽ ٻين جي بچاءَ بابت ڄاڻي سگهي.
- ماحوليات بابت پنهنجي محسوسات جو اظهار ڪري سگهي.
- اخبارن ۽ رسالن لاءِ سادين عبارتون مختصر خبرون ۽ خط وغيره لکي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- جملي جي بنيادي جزن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٥٧ – ٦٠
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.

- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو، بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. گوڙ ۽ شور جي گدلاڻ سبب ڪهڙيون بيماريون ٿين ٿيون؟
٢. سنڌن ۽ مٽي جو سُور ڇو ٿيندو آهي؟
٣. فضائي گدلاڻ ڇا کي چيو ويندو آهي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. ماحولياتي
٢. وبائون
٣. قدر
۴. ٻڌڻ
۵. آئسوٽوپس

(ب) سوالن جا جواب:

١. ماحولياتي گدلاڻ جا پنج قسم آهن.
(i) زميني گدلاڻ
(ii) پاڻيءَ جي گدلاڻ
(iii) فضائي گدلاڻ
(iv) گوڙ ۽ شور جي گدلاڻ
(v) تابڪاري ۽ شعائن جي گدلاڻ

۲. گھرن جو گند ڪچرو، پاڙي جي گھٽين، روڊن ۾ رستن تي ٿيندڙ گند ڪچرو اسان جي ماحول ۾ گدلاڻ جو سبب ٿئي ٿو. اها گدلاڻ زميني گدلاڻ جو وڏو ذريعو آهي.

۳. موٽر ڪارين، بسن، ٽرڪن ۽ ڪارخانن جو دونهون ۽ هوائي جهازن جي ٻارڻ مان نڪرندڙ گئس هوا ۾ ملي فضا ۾ گدلاڻ پکيڙيندي آهي. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، هائيڊرو ڪاربان، ڪاربان مونو آڪسائيڊ، نائيٽروجن ۽ سلفرڊاءِ آڪسائيڊ گئس وغيره فضا ۾ شامل ٿي ماحول کي گندو ڪن ٿيون. جنهن کي فضائي آلودگي چئبو آهي.

۴. موجوده دور جي ضرورتن موجب ڪيترين ئي بيمارين جي سُجاڻپ ايڪسري ۽ گاماريز ذريعي ٿيندي آهي ۽ ڪيترين ئي بيمارين جو علاج آئسوٽوپس سان ڪيو ويندو آهي. اهڙن عملن دوران خطرناڪ تابڪاري مادا خارج ٿيندا آهن. جنهن کي تابڪاري ۽ شعائن جي گدلاڻ چيو ويندو آهي.

۵. ماحول جي گدلاڻ کان بچڻ جي لاءِ گڏيل طور اُپاءَ وٺڻ گھرجن. ان معاملي ۾ شروعات اسان کي پاڻ کان ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن اسان مان هر هڪ ماڻهو پنهنجي ماحول کي صاف ستڻو رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري تہ اسين ماحولياتي گدلاڻ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگھون ٿا. ان کان سواءِ وڻ ڪاري مهم هلائي، صفائي ستڻائي شهرين ۽ حڪومت جي بنيادي ترجيحن ۾ شامل ڪرڻ، گاڏين ۽ موٽرسائيڪلن ۾ پوندڙ تيل (پيٽرول) جي معياري استعمال تي زور، پلاسٽڪ جي شاپرز تي پابندي هڻڻ جهڙن ڪارائتن اپائن وٺڻ سان ماحولياتي گدلاڻ جهڙي اهم مونجهاري کي حل ڪري سگھجي ٿو.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
ڏنڊيون	جھلیں	منچر ۽ ڪينجهر سنڌ جون مشهور ڏنڊيون آهن.
شاهڪار	بہترین	شاھ جو رسالو شاعريءَ جو شاهڪار ڪتاب آهي.
چوپايو مال	مویشی	ڳوٺ ۾ چوپايو مال تمام گھٽو آهي.
سُجاڻپ	پہچان	پوليس، چور جي سُجاڻپ ڪئي.
دونهون	دھواں	گاڏيءَ مان دونهون نڪري پيو.
اُپاءَ	اقدامات	هن وقت ڳوٺن ۾ بہ سنا اپاءَ ورتا وڃن پيا.

(د) بي ترتيب لفظن کي درست ترتيب ڏئي جملا لکو.

۱. مونکي وقت تي نماز پڙھڻ گھرجي.

۲. اسان پڪنڪ ملهائڻ لاءِ ڪينجهر ڏنڊ ويا سين.

۳. استاد، شاگردن کي سنو ڪم ڪرڻ تي شاباس ڏني.

۴. احمد سلچٹو ۽ ذهين شاگرد آهي.
۵. طيبہ امتحانن ۾ سٺن نمبرن سان پاس ٿي آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ماحولياتي آلودگيءَ سبب انساني صحت تي پوندڙ بُرن اثرن بابت چار پنج جملا لکو بعد ۾ گڏجي هر هڪ شاگرد ٻين جي لکيل جملن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري ۽ ٻين کي پنهنجي لکيل جملن تي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو پڻ موقعو ڏئي. بعد ۾ آلودگيءَ جي نقصانن کان بچڻ جي اُپائن تي عمل ڪرڻ بابت گفتگو ڪريو.
- اخبار جي مدير ڏانهن هڪ خط لکو جنهن ۾ شهر ۾ وڌندڙ ماحولياتي آلودگي تي حڪمرانن ۽ سرڪاري ادارن پاران جوڳا قدم کڻڻ جي خبر شايع ڪرڻ لاءِ عرض ڪريو.
- "ماحولياتي گدلاڻ" تي شاگردن کان مختصر نوٽ لکرايو.

ماحولياتي گدلاڻ هاڻي هر معاشري ۽ سوسائٽي جو مسئلو بڻجي چڪو آهي، انهيءَ کان نہ صرف اسان جو گهر، پاڙو سماج، بلڪ نباتات، جاندار، سمنڊ، تلاءُ، درياءَ، ڍنڍون، جبل ۽ فلڪ تائين متاثر ٿي رهيا آهن ۽ انهيءَ سبب ڪري غربت ۽ معاشي پريشاني ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، سچ پچ انسان تمام وڏيون غلطيون پيو ڪري، هو ماحوليات سان هٿ چراند ڪري هن پوري ڪائنات جي وجود کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي، ٻيلن جي غير قانوني وڍي، شهري سيوريج سان گڏ گند جا ڍير درياٽن ۽سمنڊ ڪناري اڇلڻ جو عمل ڪرڻ، سامونڊي ڪنارا مٽيءَ جي پرائي سان قبضي ۾ آڻي انهن کي غير مقامي ۽ ماحول دشمن انسانن سان وڪرو ڪرڻ، ساحلي قيمتي زمين تي قبضا ڪرڻ جو ڪڏو ڪم ڪري رهيو آهي.

سامونڊي ايڪو سسٽم ۾ آبي حيات سان گڏ ٻيٽن جو پڻ تمام وڏو ڪردار آهي، پر رياستي ادارا انهن ٻيٽن کي ڦٻائي غير ملڪي ادارن کي وڪرو ڪرڻ جا معاهدا ڪريو ويٺا آهن، دنيا ۾ ٻيٽن وارن ملڪن ۾ ٦ ڪروڙ ٣٠ لک ماڻهو رهن ٿا، اهي خاص طور سمنڊ جي چاڑهه واري مسئلي کي منهن ڏئي رهيا آهن، آبادي ۾ واڌ ۽ صنعتن ۾ مسلسل اضافي سبب صورتحال انتهائي خراب ٿي رهي آهي. ٻيٽن واري ملڪن ۾ ١٩٧٢ کان ماحوليات جو ڏينهن ملهائيندا رهيا آهن، هن سال باربادوس ۾ گڏيل طور اهو ڏينهن ملهايو ويو، جتي اسڪولي ٻارڙن ۽ شهرين گرين شرٽس پائي، سائي رنگ جا ربن ٻڌا، ٻوٽا پوکيا ويا، گلوبل وارمنگ ۽ سامونڊي چاڑهه بات ڄاڻ ڏئي ايندڙ خطرن کان آگاهه ڪيو ويو

دنيا جي آبادي هن وقت سادا ٧ ارب آهي ۽ ٢٠٥٠ تائين اها آبادي ٩ ارب ٿي ويندي، آبادي ۾ مسلسل واڌ سان بہ آلودگي جا مسئلا ۽ هن دنيا ۾ رهندڙ انسانن لاءِ خطره وڌي رهيا آهن. گندگي پکيڙڻ جي خطرن ۽ تباهين کان عوام کي آگاهه ڪرڻ ضروري آهي، پلاسٽڪ بيگ، ڪوس گهرن جو رت، فضلو، چوپائي مال جو چيٽو، فيڪٽرين مان خارج ٿيندڙ زهريلو مواد، نالين ذريعي گٽرن کي سمنڊ ۾ وهائڻ جهڙو ٻيو ڪهڙو آزار ٿي سگهي ٿو.

اسان پنهنجي زندگي ۾ ئي ڏسي رهيا آهيون تہ بي منداڻتا مينهن وسي رهيا آهن، ٻوڏون ۽ طوفان اسان جي اڳيان

تباهي پيا پهچائين. ماحول ۾ گرمي جي شدت سبب گليشيئر ڳري ٻوڏن جي شڪل ۾ نقصان جو سبب ٿا بڻجن. اسان کي هاڻي پنهنجي روين کي درست ڪري اجاين خواهشن کي ٻنجو ڏيڻو پوندو. فطرت جي صدين کان رائج قانون کي نظرانداز ڪري اسان پنهنجي کان انڪاري ٿي ويندا سين.

(پروفيسر اعجاز احمد قريشي)

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

سبق ارڙهون

پاڪستان جا دلڪش منظر

سکيا جي حاصلات

- پنهنجي تقرير ۾ محاورن ۽ شعرن جو وقتائتو استعمال ڪري سگهي.
- تاثرات، جسماني چُر پُر ۽ اشارن جي مدد سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگهي.
- ڪنهن به موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ ٻن منٽن تائين تقرير ڪري سگهي.
- فعل کي سمجهي ان کي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- روزانو اخبار پڙهڻ کي معمول بڻائي سگهي.
- واٽس اپ ۽ ٽيڪسٽ ميسيج ۾ سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال ڪري سگهي.
- زمان حال موجب فاعل جو فعل سان ڦيرو (گردان) ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- فعل ۽ حالت مفعولي بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٦١ – ٦٥
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا به ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال کيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي. هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال کيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. گورک هل اسٽيشن دادو کان ڪيترو پري آهي؟
٢. بلوچستان جون ڪهڙيون ٻنڌيون تفريح جو مرڪز آهن؟
٣. پاڪستان جي ڪهڙي سر زمين کي جنت جي نالي سان پڪاريو ويندو آهي؟
٤. ڪٽلاش وادي پاڪستان جي ڪهڙي صوبي ۾ آهي؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. سؤ
٢. ٽٽي
٣. پنجن
٤. بلوچستان ۾
٥. خيبر پختونخواه

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاهجهان مسجد شاهجهان بادشاه جوڙائي هئي.
٢. گورک هل اسٽيشن سمنڊ جي سطح کان ٥٦٨٨ فوٽ اوچائيءَ تي آهي.
٣. پنجاب جي پنجن درياهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(i) سُتلج

(ii) بياس

(iii) راوي

(iv) چناب

(v) جهلم

۴. ٹيڪسيلا ۾ هڙاپا جا کنڊر پاڪستان جي صوبي پنجاب ۾ آهن.

۵. بلوچستان جي وڏي ۾ وڏي جابلو چوٽي ڪوهِ سليمان آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
ماٹري	وادی	سوات ماٹري سر سبز ۽ شاداب آهي.
ڍنڊ	جھیل	ڪينجهر ڍنڊ هڪ تاريخي ڍنڊ آهي.
ماڳ	مقام	پاڪستان جا ڪيترا ئي ماڳ دلڪش آهن.
آبشار	آبشار	بلوچستان ۾ بي شمار آبشار آهن.
من موهيندڙ	دلکش	گورک هل استيشن جو نظارو من موهيندڙ آهي.
ساوڪ	ہریالی	برسات کان پوءِ ٹر ۾ ساوڪ ئي ساوڪ هوندي آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- "منهنجو پيارو وطن" عنوان تي تقرير تيار ڪري، ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايو. ان تقرير ۾ اصطلاح، محاوره، چوٽيون، استعاره ۽ ڏاهن جا قول شامل هجن.
- استاد ۽ والدين جي سهڪار سان ڪلاس جا شاگرد واٽس اپ گروپ ٺاهڻ جو طريقو سمجهي پنهنجي ڪلاس جو هڪ گروپ ٺاهيو. جنهن ۾ روزانو يا هفتي ۾ ڪنهن به اخبار، ميگزين يا حالات حاضره تحت گروپ ذريعي دوستن کي باخبر ڪندا رهو. ان کان سواءِ عام معلومات، ادبي ڄاڻ، نصابي ڄاڻ پڻ گروپ ذريعي هڪ ٻي سان شيئر ڪندا رهو.

سبق اوٽيهون

روشن تارو

سکيا جي حاصلات

- آکاٽيءَ تي ٻڌل نظم کي پنهنجي لفظن ۾ لکي سگهي.
- اعرابن (زير، زبر ۽ پيش) لڳائڻ سان تبديليءَ کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- حرف جملو کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- اسم ذات، ڪم، حالت ۽ خاصيت کي سمجهي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاٽيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سڃاڻ ڪري انهن لفظن جو درست استعمال ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٦٦ – ٦٨
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ نظم طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

۱. هن نظم جو ڪهڙو شعر اوهان کي پسند آهي ۽ ڇو؟
۲. هن نظم ۾ شاعر ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
۳. لفظ "ٻالڪ" جو ڇا مطلب آهي؟

شاعر جو تعارف

هن نظم جي لکندڙ شاعر جو نالو قربان منگي آهي. قربان منگي پهرين اپريل سن ۱۹۶۱ع تي خيرپور ميرس جي نظاماڻي محلي ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو حسين بخش منگي آهي. قربان منگي شاعريءَ سان گڏ سفرناما ۽ لکيا آهن، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير ڪري انهيءَ سفر جي يادگيرين کي سفرنامن جي صورت ۾ محفوظ ڪندڙ قربان منگي هن وقت تائين ايران، جاپان، ٿائيليند، ملائيشيا، آمريڪا، يونائيٽد عرب امارات، چائنه ۽ سري لنڪا جو سفر ڪري چڪو آهي. سندس ٻاراڻي ادب تي ۽ تمام گهڻو ڪم ڪيل اٿس. پوپٽ پبلشنگ هائوس جي چيئر مين جي حيثيت سان ۲۲۵ کان مٿي مختلف موضوعن تي ڪتاب شايع ڪندڙ ٽماهي ادب مخزن "پوپٽ" جو چيف ايڊيٽر پڻ آهي. قربان منگي "پوپٽ" جي پليٽ فارم تان "سنڌ ٻالڪ سنگت" جو پڻ بنياد رکيو. پاڻ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا اٿس. هن وقت ۽ سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ تعليمي سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

۱. ساڻي ۲. فوٽ پاڻن ۳. پيشو ۴. چارو ۵. نظر

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هن نظم جي لکندڙ شاعر جو نالو قربان منگي آهي.
۲. هن نظم جي عنوان روشن تارو جو مطلب " بيوس، مجبور ۽ معصوم ٻار" آهي.
۳. هن نظم جي آخري شعر ۾ شاعر جو اهو مقصد آهي ته هڪ مجبور، بيوس ۽ معصوم ٻار جڏهن بيوسيءَ جي حالت ۾ پنندو نظر ايندو آهي ته پنڌ سندس پيشو نه بلڪ مجبوري ۽ بيوسي آهي. حقيقت ۾ هو مستقبل جو هڪ روشن ستارو آهي جيڪڏهن اسين ان جي بيوسيءَ کي سمجهندي سندس مدد ڪريون

۾ ان کي مايوس ڪرڻ بدران ان جي حوصلہ افزائي ڪريون تہ هو زندگيءَ ۾ ڪا منزل ماڻي سگھي ٿو.

۴. هن نظم جو پھريون شعر مون کي پسند آهي. ڇاڪاڻ تہ هن ۾ هڪ معصوم ۾ بيوس ٻالڪ جي بيوسي سامھون رکي وئي آهي جو هو بنا ڪپڑن جي بک ۾ اُڄ تي واٽ تي پنھنجي مجبوري ۾ بيوسيءَ تي روئي ٿو پر سندس ڪو مدد ڪرڻ وارو نہ آهي.

۵. هن نظم ۾ شاعر اسان کي اهو پيغام ڏنو آهي تہ هڪ مجبور، بيوس ۾ معصوم ٻار جيڪو ننڊپٽ کان ئي غربت جي گھاٽي ۾ پيسجندي ٻين آڏو هٿ ٽنگي پنھنجو پيٽ گذر ڪري، فٽ پاٿ تي زندگي گذاري، انگ اگھاڙو ۾ بک اُڄ تي گذارو ڪندو هجي ان معصوم ٻار جا بہ ڪي جذبا هوندا، ڪي خواهشون هونديون، ڪي سپنا هوندا، حقيقت ۾ ان جا خواب بہ اعليٰ ۾ سمٽا هوندا. ان جي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن اسين همٿ ڪري سندس مدد ڪريون تہ ان جي زندگيءَ ۾ تبديلي ممڪن ٿي سگھي ٿي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۾ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
لاڙو	رخ	هن وقت سيني شاگردن جو لاڙو مصنوعي ذهانت طرف آهي.
ٻارو	بچوں	ٻارو! اوهان کي نماز وقت تي پڙهڻ گھرجي.
چارو	گذارہ / چارہ	محنت ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو نہ آهي.
پينو	مانگنے والہ	شھر ۾ ڪيترا ئي پينو فقير نظر ايندا آهن.
ٻالڪ	بچہ	علي هڪ معصوم ٻالڪ آهي.

(د) مذڪر ۾ مؤنث لفظن جا جملا

لفظ	مذڪر / مؤنث	جملا
وِل	مؤنث	ٻِت تي وِل سمٽي لڳي ٿي.
مٹُ	مذڪر	اسان جي وطن جي مٹُ ڪو ٻيو ملڪ نہ آهي.
مڪِ	مؤنث	چانھہ ۾ مڪ پئجي وئي.
انبُ	مذڪر	انبُ ڏاڍو منو آهي.
گڏھِ	مؤنث	پاڙي ۾ هڪ گڏھِ مري وئي.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.

- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙو پيغام ڏنو ويو آهي؟ شاگردن کي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هن نظم کي سمجهڻ کان پوءِ هن نظم جي عنوان تحت هڪ ڪهاڻي لکوءِ پاڻ ۾ گڏجي ان ڪهاڻيءَ تي گفتگو ڪريو تہ ڪنهن جي ڪهاڻي بهترين آهي ۽ ڪنهن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙين شين جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ استاد جي رهنمائي پڻ ونو.
- اخبار يا رسالي مان هارن بابت ڪيل شاعري پنهنجي ڪاپيءَ ۾ نوٽ ڪري ڪلاس ۾ سڀني شاگردن کي ٻڌايو. بعد ۾ ان جي ڪردارن تي تبصرو ڪيو.

نظم

۱. هالڪ چنڊ، ستارا آهن،
بيوس پرکي پيارا آهن.

۲. پيٽ جي بک مٽائڻ لاءِ
ٻہ ويلا بس کائڻ لاءِ

۳. ڪيڏا سي مجبور ٿيڙا،
علم کان تڏهن ڏور ٿيڙا.

۴. روزيءَ لئہ مزدوري ڪن ٿا،
ڇٹ پاڻن تي سي تڙپن ٿا.

۵. ڏڪا، ڇڙيون مقدر تن جو،
ڪو بہ نہ آهي جڳ ۾ جن جو.

۶. مالڪ تن تي ٻاجهہ ڪري،
پيٽ تنهين جو خوب ٻري.
(وفا مولا بخش)

سبق ويهون

استاد جي عظمت

سکيا جي حاصلات

- عبارت جي شروعات، متن ۾ پڇاڻيءَ کي سمجهي پڙهي سگهي.
- شروعات، نفس مضمون ۾ پڇاڻيءَ کي آڏو رکندي مضمون لکي سگهي.
- مضمون لکڻ وقت پنهنجن مشاهدن کي پيرائن ۾ ترتيب سان لکي سگهي.
- پنهنجي لکڻيءَ کي عنوان، متن ۾ پڇاڻيءَ وغيره کي ترتيب موجب لکي سگهي.
- متن مان مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي نشاندهي ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مضمون نگاريءَ بابت معلومات حاصل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٦٩ – ٧٢
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

١. يونان جي بادشاھ سڪندر جو استاد ڪير ھو؟
٢. استاد پنھنجي علم سان انڊن کي ڇا ٿو ڏئي؟
٣. استاد جي عظمت تي ٻہ جملا ٻڌايو؟

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

١. روحاني
٢. سڪندر
٣. علم
۴. ڏارڻ
۵. استاد

(ب) سوالن جا جواب:

١. ڪائنات جي پالڻھار سموري انسان ذات لاءِ پيغمبرن کي وحيءَ ذريعي تعليم ڏئي رھبر، رھنما ۽ استاد ڪري موڪليو.
٢. يونان جي بادشاھ سِڪندر پنھنجي استاد جي شان ۾ چيو تہ " سِڪندر مري ويو تہ خير آھي، پر استاد ارسطو نہ مري ڇاڪاڻ تہ سِڪندر ٻيو ارسطو نہ ٿو ٺاھي سگھي پر ارسطو جھڙو استاد ٻيا ھزارين سِڪندر پيدا ڪري سگھي ٿو.
٣. مشھور سماجي ڏاھي ۽ تعليمدان پائلو فراري جو قول آھي تہ تعليم ۽ تدريس جو مقصد دنيا جي غريب، ڪمزور ۽ پيڙھيل طبقي کي ان قابل بنائڻ آھي تہ جيئن ھو پنھنجي زندگيءَ جي مالڪي پاڻ ڪري ان کي بدلائي سگھي.

۴. علم حاصل ڪرڻ جو اصل مقصد پاڻ ۾ قابليت، ڏاڻ، شعور ۽ انسانيت پيدا ڪرڻ آهي.

۵. هن سبق مان اسان کي اها نصيحت ٿي ملي ته علم حاصل ڪرڻ سان انسان ۾ انسانيت، شعور، تهذيب ۽ تمدن پيدا ٿئي ٿو جنهن سان انسان پنهنجي والدين، استادن ۽ بزرگن جي عزت ڪري ٿو جڏهن انسان ٻين جي عزت ڪندو ته معاشري ۾ ان جي به عزت ٿيندي. ان ڪري انسان کي جيڪو علم جي زيور سان سر شار ڪري ٿو دنيا ۾ ان استاد جي دل سان عزت ڪرڻ گهرجي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
اوٽڙ	گھاس/ درخت وغیرہ	برسات کان پوءِ هر هنڌ اوٽڙ نظر اچي پئي.
ڪنڊ ڪڙڇ	کونے کونے میں	دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مسلمان آباد آهن.
ڏونگر	پہاڑ	اتحاد جي طاقت سان انسان ڏونگر به ڏاري سگهي ٿو.
ڍنگ	انداز/ طریقہ	زندگي گذارڻ جو به هڪ ڍنگ هوندو آهي.
ڏاڻ	شعور	تعليم انسان ۾ زندگي گذارڻ جو ڏاڻ پيدا ڪري ٿي.
ابدي	شروعاتی/ بقاوالی	انسان جي ابدي زندگي پر سڪون آهي.

مضمون نگاري (مضمون لکڻ جا قائدا)

- مضمون نگاري هڪ فن آهي. فن ڪهڙو به هجي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ئي سکي سگهجي ٿو.
- مضمون ٻن قسمن جا ٿين ٿا. ۱. بياني ۲. خيالي
- ڪنهن به عنوان مطابق ان جي پوري معلومات حاصل ڪري لکجي ته ان کي بياني مضمون چئبو آهي.
- خيالي مضمون ۾ پنهنجا ذاتي رايا تصوراتي طور پيش ڪيا ويندا آهن.
- مضمون عربي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته آسان لفظن ۾ ڪنهن شيءَ جي تعريف، ماهيت ۽ احوال لکڻ.

مضمون جا ٽي حصا هوندا آهن.

(۱) شروعات (تمهيد) (۲) جسم (نفس مضمون) (۳) اختتام

(۱) تمهيد

تمهيد جو مطلب آهي ته مضمون جي شروعات ڪرڻ ان حصي ۾ صرف ايترو لکڻو هوندو آهي ته جنهن شيءَ تي مضمون لکي رهيا آهيون، ان جي حقيقت ڇا آهي؟ مثال طور جانور تي مضمون لکڻو آهي ته ان جي شڪل، صورت ۽ بناوت متعلق لکڻو آهي، اهوکٽي رهندو آهي، ان جا ڪهڙا ڪهڙا قسم آهن ۽ هو ڪهڙي ڪم ايندو آهي. اهو احوال شروعاتي طور تي مضمون ۾ ٻڌايو ويندو آهي.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

(۲) جسم (نفس مضمون)

هن حصي ۾ ان شيءَ جي استعمال جي باري ۾ يا ان جي خوبين جي متعلق لکيو ويندو آهي، جيڪڏهن کا خاص ڳالهه ان شيءَ جي ذات سان وابسته هوندي آهي ته ان متعلق لکيو ويندو آهي.

(۳) پڇاڙي يا اختتام

هن حصي ۾ ان شيءَ جي استعمال جي باري ۾ يا ان جي خوبين ۽ خامين متعلق لکي مضمون ختم ڪرڻو آهي. جيڪڏهن کا شخصيت وفات ڪري وئي آهي ته وفات جي تاريخ، مقبري ۽ بخشش جي دعا سان ختم ڪيو ويندو آهي.

- مضمون لکڻ کان اڳ ان عنوان تي دل ۾ ويچارڻ گهرجي ته ڇا ڇا لکڻو آهي ۽ کهڙيءَ ريت لکڻ گهرجي.
- مضمون عنوان مطابق ترتيب وار لکڻ گهرجي.
- مضمون آسان لفظن ۾ مختصر جملن جي صورت ۾ لکڻ گهرجي.
- مضمون ۾ تمهيد (شروعات) سهڻي انداز ۾ ڪجي. تمهيد هميشه مختصر ۽ با مقصد هئڻ گهرجي.
- مضمون ۾ بيهڪ جي نشانين جو خاص خيال رکڻ گهرجي.
- مضمونن ۾ جيڪڏهن بيت، پهاڪا ۽ چوٽيون استعمال ڪيون وڃن ته مضمون وڌيڪ بهتر ٿي پوندو. پر انهن جو مقدار گهٽ ۾ گهٽ هجڻ گهرجي.
- مضمون نگاريءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ نامور ليکڪن جي لکيل مضمونن جو مشاهدو ڪرڻ ضروري آهي.
- شاگردن کي گهرجي ته هن ڪتاب ۾ لکيل مضمونن کي غور سان پڙهي پنهنجي لفظن ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪن.

(د) "استاد جي عظمت" تي مضمون لکو.

استاد هڪ انمول شئ آهي اسان جي زندگي گذري وڃي پر اسان استاد جو هڪ ٿورو به نه لاهي سگهنداسين ڇاڪاڻ ته استاد هميشه شاگرد جو محسن آهي استاد اهڙو مسيحا آهي جيڪو هڪ کوٽي سڪي کي ان قابل ٿو بڻائي جو هو انمول بڻجي ٿو وڃي،

والدين اسان کي ڇه سالن کان پوء استاد وٽ ڇڏيندا آهن پوء استاد اسان تي محنت ڪندو آهي ۽ اسان کي علم ۽ شعور ڏيندو آهي ۽ زندگي گذارڻ جو سليقو سيکاريندو آهي يقينن هڪ استاد اها محنت پنهنجي لاء نه پر شاگرد جي لاء ڪندو آهي ته جئين سياڻي اهو پنهنجي علم ۽ قابليت سان بين انسانن ۽ پنهنجي قوم جي خدمت ڪري ۽ ان جي ترقي ۾ معاون ۽ مددگار ٿئي انهي سان گڏو گڏ پنهنجي اخلاق سان معاشري ۾ زندگي گذاري وڃن جو ادب ڪري ننڍن سان سهڻو برتاء ڪري مطلب ته هڪ پلو انسان ٿئي.

استاد اسان جي ماءُ پيءُ جي برابر آهي استاد اسان کي اونداهي مان ڪڍي روشني ۾ آڻي ٿو استاد اسان جي اکين کي کولي ٿو جيڪڏهن اسان جي معاشري ۾ استاد نه هجن ها ته اهو معاشرو جاهلن وارو معاشرو هجي ها جنهن ۾ هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو کي به کائي وڃي ها. شاگرد قوم جو مستقبل هوندو آهي ۽ استاد ان مستقبل کي سنوارڻ وارو. انهي ڪري جيڪڏهن استاد ۽ شاگرد يا معلم ۽ طالبعلم جو رشتو ڪنهن به سبب جي ڪري ڪمزور ٿيو ته پوء نه هو استاد رهندو ۽ نه وري هو شاگرد رهندو

پنهي صورتن ۾ نقصان وري بہ قوم جو ٿيندو.

اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي اهميت کي سمجهون ۽ استادن جي عزت ۽ احترام ڪريون تہ جيئن اسان بہ عزت وارا ٿيون ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اسان استادن جي عزت ڪنداسين تہ معاشرو بہ اسان جي عزت ڪندو ۽ گڏوگڏ هڪ بهتر ۽ با اخلاق معاشري جو وجود پوندو.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ڪلاس جا سيئي شاگرد گڏجي پڙهائيندڙ سينيئر استادن جي لاءِ بهترين انداز ۾ ڪارڊ ٺاهي مقرر ڏينهن تي ڪٽي ايندا ۽ اسڪول جي اسيمبلي يا ڪلاس ۾ سرپرائز ڏيندي عزت ۽ احترام سان کين انهن جي نالي جا ڪارڊ ڏنا ويندا.

سبق ايڪيهون

خط لکڻ جا قاعدا

سکيا جي حاصلات

- پنهنجي دوست، والدين، مائٽن، بزرگن ۽ استادن ڏانهن خط لکي سگهي.
- اسڪول جو داخلا فارم پري سگهي.
- رسمي ۽ غير رسمي خط لکي سگهي.
- حرف اضافت (جي، جا، جو) وغيره جي استعمال کي سمجهي سگهي.
- حرف جر جو درست استعمال ڪري سگهي.
- سنڌي هولي‌ءَ ۾ اي. ميل ڪري ۽ پڙهي سگهي.
- ڪمپيوٽر تي سنڌي ۾ ٽائيپنگ ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- واحد، جمع جا اصول سمجهي واحد لفظن کي جمع ۾ تبديل ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٧٣ – ٧٦
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ڏهني آمادگيءَ جا جيکي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.

- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ شاگردن کي سڀ کان پهريون خط جي نموني بابت سمجهايو ويندو.
- خط لکڻ جا ڪهڙا ڪهڙا قائدا آهن اهي شاگردن کي پڙهي سمجهايا ويندا.
- سبق (خط) جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا نهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهہ سوال

١. سکر جي ڪجهہ مشهور جاين جا نالا ٻڌايو؟
٢. ڳوٺ جهلوجي ۾ نيرن جي مانيءَ ۾ چا چا تيار ڪيو ويو هو؟
٣. سکر واري ٻئراج ۾ ڪيترا دروازا آهن؟

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺيان خال پريو.

١. بسم الله الرحمن الرحيم
٢. حاشيو
٣. ايڊريس
۴. سِرو
۵. عبارت

(ب) سوالن جا جواب:

١. خط جي شروعات بسم الله الرحمن الرحيم سان ڪرڻ گهرجي.
٢. خط جي ايڊريس ساڄي پاسي کان لکڻ گهرجي.
٣. هن خط ۾ سنڌ جي ضلعي سکر جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

۴. ڳوٺ جھلوجيءَ ۾ نيرن جي مانيءَ ۾ خالص گيھ سان مکيل مانيءَ، لسيءَ، مکڻ ۽ ديسي ڪُکڙ جي پاڄي تيار ڪئي وئي هئي.

۵. هن خط لکڻ جو اصل مقصد اهو آهي ته اسين جنهن شهر ۾ رهون ٿا ته دنيا ۾ يا ملڪ ۾ صرف ان شهر جي اهميت ٿا سمجهون. پر ايئن نه آهي حقيقت ۾ اسان کي هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ ويجي زندگي گذارڻ جو طريقو اٽڪي ويهڻي، ريتون رسمون ۽ ماحول جو جائزو وٺڻ گهرجي. ان مان خبر پوندي ته ڳوٺ هجي يا شهر پر هر هڪ جي پنهنجي جاءِ تي تمام گهڻي اهميت آهي. هر شيءَ مان پنهنجو هڪ لطف ايندو جيڪو من موهيندڙ هوندو. سکر ڏويزن ۾ سنڌ جو هڪ سهڻو شهر آهي اتان جا ڪيترا ئي ماڻڪ يادگار آهن ۽ ڳوٺن جي ماڻهن جي مهمان نوازي پنهنجو مٿ پاڻ آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
مهمان نوازي	مہمان نوازی	جهلوجي ڳوٺ جي مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٿ پاڻ آهي.
بنگلو	بنگلہ	ڳوٺ ۾ هڪ بهترين بنگلو نظر آيو.
ورثو	وراثت	سنڌ اسان جو هڪ ورثو آهي.
اوطاق	بیٹھک	اوطاق تي مهمان آيا آهن.
ڏونئرو (لسي)	چھاج	نيرن ۾ اسان کي ڏونئرو پياريو ويو.
نيرن	ناشتہ	نيرن جي مانيءَ ۾ اسان مکڻ ۽ لسي پيتي سين.

(د) مذڪر ۽ مؤنث لفظن کي ڌار ڪريو.

مذڪر لفظ	مؤنث لفظ
نانگُ	عزتَ
رنگُ	شهرتَ
پُٹُ	طاقتَ
ٻالڪُ	
انبُ	

(ه) حرف جر جا جملا

۱. هيءَ احمد "جو" ڪتاب آهي.

۲. اوهان "جي" گهر مهمان آيا آهن.

۳. اسين اڄ عائشہ "وٽ" گهمڻ ويندا سين.

۴. مسجد "۾" پيش امام پهچي ويو آهي.

(و) واحد لفظن جا جمع

واحد	جمع	واحد	جمع
انڈو	انڈا	رازو	رازا
گولو	گولا	ادو	ادا
نماڻو	نماڻا	سادو	سادا

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- اوهان پنهنجي اسڪول جي لائبريري مان يا گوگل تان ڪو به شاعريءَ جو ڪتاب پڙهي ان مان ڪنهن به هڪ شاعر جي لکيل ڪافي پنهنجي ڪاپيءَ ۾ لکي ايندا.
- پنهنجي دوست يا ساهيڙي ڏانهن گرمين جي موڪلن ۾ ڪراچي گهمڻ لاءِ اچڻ جي دعوت جو خط لکو. ان سان گڏ ڪين ايميل ذريعي پڻ سندڻيءَ ۾ دعوت نامو لکي موڪليو.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

سبق ٻاويهون

صبح جي دعا

سکيا جي حاصلات

- روانيءَ سان ڳالهايل لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهي.
- روزمره جي گفتگو ٻڌي پنهنجو ردعمل ظاهر ڪري سگهي.
- صفت ۽ ان جي قسمن کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- شين جي ظاهري خوبصورتيءَ بابت پنهنجا مشاهدا بيان ڪري سگهي.
- ڪنهن به سفر، ماڳ، مڪان، ڏٺ وغيره جا تفصيل لکي ۽ بيان ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سڃاڻ ڪري انهن لفظن جو درست استعمال ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٧٧ – ٧٩
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا به ڏکيائي محسوس نه ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو ته ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهيو ويندو. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه نظم طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهايو ويندو. لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

۱. هن نظم جو ڪهڙو شعر اوهان کي پسند آهي ۽ ڇو؟
۲. هن نظم ۾ شاعر ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
۳. غزل جي پهرين شعر کي ڇا چئبو آهي؟

شاعر جو تعارف

مرزا قليچ بيگ هڪ سنڌي عالم ٿي گذريو آهي، جنهن کي سنڌي ادب ۾ سپ کان گهڻا ڪتاب لکڻ جو اعزاز حاصل آهي. مرزا قليچ بيگ جي پيدائش ڪليليءَ جي ڪپ تي ٽنڊي ٽوڙهي ۾ ۴ آڪٽوبر تي ۱۸۵۵ع تي ٿي. مرزا قليچ بيگ پهريون حيدرآباد جي سنڌي ۽ پوءِ انگريزي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. هي عالم شخص هڪ ئي وقت سنڌي، انگريزي، فارسي، عربي، ترڪي ۽ اردو زبانن تي دسترس رکندڙ هو. مرزا قليچ بيگ جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو قدر ڪندي ان وقت جي سرڪار کيس "شمس العلماءَ" ۽ "خان بهادر" جو لقب ڏنو. مرزا قليچ بيگ ۷۷ سال نهايت مصروف، علمي ۽ عملي زندگي گذاري ۳ جولاءِ ۱۹۲۹ع ۾ خالق حقيقي سان وڃي مليو. ٽنڊي ٽوڙهي پرسان پنهنجي خانداني قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

۱. شوق
۲. حڪمت
۳. وائي
۴. تندرستي
۵. بزرگن

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هن نظم جي لکندڙ شاعر جو نالو مرزا قليچ بيگ آهي.
۲. هن نظم جي پهرئين شعر ۾ شاعر لکي ٿو ته اي رب ڪريم دنيا ۾ انسان جي جتي به نظر پئي ٿي

اتي تنهنجي مخلوق ۽ قدرت ئي نظر اچي ٿي. اي ڪائنات جا پالڻهار تون ئي اسان سيني تي ڪرم ڪرڻ وارو آهين.

۳. هن نظم ۾ شاعر جو اهو مقصد آهي ته هن ڪائنات جو حقيقي خالق ۽ مالڪ هڪ الله آهي. اهو ئي هن ڪائنات جو نظام هلائي رهيو آهي. اهو رب ڪريم ڪائنات جي زري زري کان واقف آهي. اهو رب ئي آهي جيڪو اسان کي دنيا جي نعمتن، عزت، عظمت، دولت، خوشحالي، علم، رتبو ڪاميابي، ترقي، صحت ۽ شهرت عطا ڪرڻ وارو آهي. ان ڪري اسان کي ان جي در دعا گهرڻ گهرجي. رب ڪريم جيڪو بغير گهرڻ جي عطا ڏو ڪري. الله رحمان ۽ رحيم آهي اهو رب ئي ڪائنات جو خالق آهي. اسان کي ان رب جي عبادت ڪرڻ گهرجي، ان ۾ ئي اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي ۽ ان ۾ ئي الله جي رضا آهي.

۴. آءُ صبح جو اٿي سپ کان پهريون ماءُ پيءُ جي لاءِ، بعد ۾ دنيا جي خوشحالي ۽ پوءِ پنهنجي لاءِ دعا گهرندو آهيان.

۵. هن نظم ۾ شاعر اهو پيغام ڏنو آهي ته هن ڪائنات جو حقيقي خالق ۽ مالڪ هڪ الله آهي. اهو ئي هن ڪائنات جو نظام هلائي رهيو آهي. اهو رب ڪريم ڪائنات جي زري زري کان واقف آهي. اهو رب ئي آهي جيڪو اسان کي دنيا جي نعمتن، عزت، عظمت، دولت، خوشحالي، علم، رتبو ڪاميابي، ترقي، صحت ۽ شهرت عطا ڪرڻ وارو آهي. ان ڪري اسان کي ان جي در دعا گهرڻ گهرجي. رب ڪريم جيڪو بغير گهرڻ جي عطا ڏو ڪري. الله رحمان ۽ رحيم آهي اهو رب ئي ڪائنات جو خالق آهي. اسان کي ان رب جي عبادت ڪرڻ گهرجي، ان ۾ ئي اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي ۽ ان ۾ ئي الله جي رضا آهي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جملا ٺاهيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
اسرار	پوشيده	قدرت جي هر شيءَ ۾ اسرار موجود آهي.
عجائب	عجائبات	هر هنڌ قدرت جا عجائب نظر اچن ٿا.
وائي	آواز / بات چيت	الله جي رحمت وسڻ جي هر وات وائي هوندي آهي.
عمديون	عاليشان	الله اسان لاءِ عمديون شيون پيدا ڪيون آهن.
جِت ڪِٽ	هر جڳه	قدرت جون نعمتون جت ڪٽ نظر اچن ٿيون.

(د) صفت عددي جا جملا

۱. مون کي هڪ ماني ڏي.

۲. امتحان ۾ پنج شاگرد فيل ٿي پيا.

۳. ٻن ڏينهن کان پوءِ اسڪول کلندو.

صفت تفضيل جا جملا

١. جهانگير، شير شاهه سوريءَ کان وڏيڪ عادل بادشاهه هو.
٢. برياني کان وڏيڪ قورمو ذائقيدار آهي.
٣. عمر ڪوٽ کان وڏيڪ موهن جو دڙو قديم آهي.

(ه) اسم مصدر جا لفظ ۾ جملا

١. گهمڻ : صبح جو گهمڻ صحت لاءِ تمام ضروري آهي.
٢. مارڻ : پار کي مارڻ سڀني عادت نه آهي.
٣. پيئڻ : پاڻي تازو ۽ صاف پيئڻ گهرجي.
٤. پڙهڻ : وقت تي نماز پڙهڻ گهرجي.
٥. گذارڻ : زندگي بهتر طريقي سان گذارڻ گهرجي.

(و) صبح کان اسکول اچڻ تائين جي مصروفيتن بابت مضمون

آءُ صبح جو سوير اٿندو آهيان ڇاڪاڻ ته صبح جو سوير اٿڻ ۽ رات جو سوير سمهڻ تندرستي لاءِ تمام بهتر آهي ۽ اها بزرگن پڻ نصيحت ڪئي آهي. ان ڪري صبح جو سوير اٿي سڀ کان پهريون آءُ وضو ڪري فجر جي نماز پڙهندو آهيان، ان کان پوءِ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندو آهيان. تلاوت قرآن پاڪ مڪمل ڪرڻ بعد آءُ ڏند صاف ڪري تڙ ڪندو آهيان. جيستائين آءُ تڙ ڪري واپس ايندو آهيان تيستائين منهنجي امڙ نماز پڙهي نيرن تيار ڪري ونندي آهي ۽ آءُ جيجل سان گڏ نيرن جي ماني کائيندو آهيان. ماني کائي گرڙي ڪري هٿ صاف ڪندو آهيان بعد ۾ پنهنجو بستو تيار ڪري وقت مطابق اسکول ڏانهن روانو ٿي ويندو آهيان. منهنجو اسکول منهنجي گهر کان سڌ پنڌ تي آهي. جنهن ڪري اسکول هميشه وقت تي پهچي ويندو آهيان.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙو پيغام ڏنو ويو آهي؟ شاگردن کي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگردن جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- هن نظم کي سمجهڻ کان پوءِ هن نظم جي عنوان تحت هڪ ڪهاڻي لکو ۽ پاڻ ۾ گڏجي ان ڪهاڻيءَ تي گفتگو ڪريو ته ڪنهن جي ڪهاڻي بهترين آهي ۽ ڪنهن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙين شين جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ استاد جي رهنمائي پڻ ونو.
- سڀ کان پهريون شاگردن کي پنهنجي باري ۾ ٻڌايو ته اوهان (استاد) صبح جو ڪهڙي وقت اٿندا آهيو؟. سڀ کان

پهريون ڇا ڪندا آهيو؟ اسڪول اچڻ تائين جون مصروفيتون شاگردن کي ٻڌائي بعد ۾ شاگردن کان زباني معلوم ڪيو. سيئي شاگرد صبح کان اسڪول اچڻ تائين جي مصروفيتن بابت مختصر مضمون لکي ايندا.

- صبح جو سوير پنهنجي علائقي ۾ ويجهو ڪنهن باغ جو سير ڪريو. قدرت جي حسين منظرن مان لطف اندوز ٿي سيئي شيون ذهن ۾ رکي اسڪول ۾ ڪلاس جي شاگردن آڏو هڪ ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ انهن تمام ڳالهين کي پيش ڪيو. هر هڪ شاگرد واري واري پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو.

سبق ٹيوبيهون

پارن جا حق

سکيا جي حاصلات

- روزمره جي محاورن جو مفهوم سمجهي پڙهي سگهي.
- روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ محاورن ۽ چوٽين کي پنهنجي لکڻين ۾ شامل ڪري لکي سگهي.
- محاوري کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- پارن جي حقن ۽ انهن جي بچاءَ بابت ڄاڻي سگهي.
- انساني حقن جي اهميت بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- پهاڪن کي سمجهي ڳالهائڻ دوران انهن جو استعمال ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٨٠ – ٨٣
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

- ٻارن جا ڪھڙا ڪھڙا حق آھن؟ انھن مان کي ٻہ ٽي حق بيان ڪريو.
- ڇا ھڪ ٻار کي سزا ڏيڻ قانوني طور جائز آھي يا نہ؟
- سڀني تربيت جا ڪھڙا اثر پون ٿا.

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

۱. ٻار کي
۲. تعليم
۳. معمار
۴. ۱۹۴۸ع ۾
۵. ماءُ پيءُ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. والدين جي اھا بنيادي جوابداري آھي تہ ھو پنھنجي ٻار جي صحت، صفائي ۽ علاج جو پورو پورو بندوبست ڪن.
۲. ۱۹۴۸ع ۾ گڏيل قومن جي عالمي اداري ٻارن جي حقن بابت ھڪ عالمي گڏجاڻي ٿي.
۳. ٻارن کي ھڪ اھڙي ماحول ۾ پرورش حاصل ڪرڻ جو حق آھي، جيڪو ٻار کي ڪنھن بہ قسم جي جسماني، ذھني ۽ جنسي وحشت بدسلوڪي ۽ تشدد کان مڪمل طور تي تحفظ ڏئي سگھي.
۴. ٻار مستقبل جا معمار آھن، جڏھن انھن جي سھڻي، معياري ۽ بھترين تربيت ڪري ڪين ھڪ ذميوار انسان بڻايو ويندو تہ اھي ٻار اڳتي ھلي والدين جي لاءِ سڪون جو ذريعو ثابت ٿيندا.

۵. ٻارن جي بهتر پرورش ۾ انهن جي حقن جو خيال رکڻ گهرجي.

(ج) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو۽ انهن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.

لفظ	معنيٰ	جملا
تحفظ	حفاظت	ٻوڏ متاثرن کي حڪومت پاران تحفظ ڏنو ويو.
ڪارگر	کارآمد	استاد ڪاميابي جا ڪارگر طريقا ٻڌائيندو آهي.
سهائتا	سہارہ / حمایت	والدين پنهنجي اولاد لاءِ بهترين سهائتا آهن.
لاپائتو	مفید	اوڪسفرڊ جو سنڌي ڪتاب اسان سيني لاءِ لاپائتو آهي.
ساڃاھ	سمجھ	زندگي گذارڻ لاءِ ساڃاھ ضروري آهي.
امتيازي سلوڪ	نمایاں سلوک	استادن سان امتيازي سلوڪ ڪيو ويو.

(د) هيٺين اصطلاحن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ لکو.

اصطلاح	سنڌي معنيٰ
پروان چڙھڻ	ڪاميابي حاصل ڪرڻ
مرڪ پکيڑڻ	ھڪ ٻئي جو ھر حال ۾ ساٿ ڏيڻ
لذت ڇڏڻ	مزو نہ اچڻ
سِر صدقو ڪرڻ	قرباني ڏيڻ
ڳڻ ڳائڻ	تعريف ڪرڻ / سڻن لفظن ۾ ياد ڪرڻ
رنگ لڳائڻ	ڪاميابي حاصل ٿيڻ

(ه) پھاڪا ۽ انهن جو مطلب.

نمبر	پھاڪا	مطلب
١	جھجھن ڪنئي ڇپر ڪجي.	گھٽن ماڻھن جي ڪوشش سان مشڪل ڪم بہ آسان ٿيو ويجي.
٢	اُھو ڪجي جو آئي ويل ڪم اچي.	مشڪل وقت لاءِ انسان کي ڪجھ بچت بہ ڪري رکڻ گھرجي.
٣	لعل بہ ليپي پريت بہ رھجي اچي.	زندگيءَ ۾ اھڙو قدم کڻجي جو محبت بہ برقرار رھي ۽ مقصد بہ پورو ٿي ويجي.
۴	مُنھن ۾ موسيٰ ، اندر ۾ ابليس	دل ۾ منافقت رکندڙ انسان.
۵	ڪڏھن پريءَ ۾ تہ ڪڏھن پاڪر ۾.	زندگيءَ ۾ ڏک سک ايندا رھندا آھن.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

(و) محاورن جي معنيٰ

محاورو	معنيٰ	جملا
اڪَ ڪارا ڪرڻ	جدوجهد ڪرڻ	احمد امتحانن دوران محنت ڪري اڪ ڪارا ڪيا.
ٽاپا کائڻ	در در پٽڪڻ	ٽاپا کائڻ کان بهتر آهي ته انسان وقت سان محنت ڪري.
پهُ پچائڻ	وعدو پورو ڪرڻ	علي پهُ پچائڻ ۾ بهترين انسان آهي.
ڏاڙهي ڏيڻ	وعدو ڪرڻ	ڏاڙهي ڏيڻ ۽ ان تي پورو لهڻ به ڪنهن ڪنهن جي وس جي ڳاله آهي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ڪلاس جا سيئي شاگرد گڏجي پڙهائيندڙ سيني استادن جي لاءِ بهترين انداز ۾ ڪارڊ ٺاهي مقرر ڏينهن تي ڪٽي ايندا ۽ اسڪول جي اسيمبلي يا ڪلاس ۾ سرپرائز ڏيندي عزت ۽ احترام سان کين انهن جي نالي جا ڪارڊ ڏنا ويندا.
- ٻارن جي حقن تي سڀ کان پهريون استاد ڪلاس ۾ هڪ تقرير ڪندو بعد ۾ ٻي ڏينهن شاگرد ان تقرير جي تياري ڪري ايندا ۽ سيني جي سامهون تقرير ڪندا.
- معاشري ۾ ٻاڙي ۾ يا مائٽن ۾ ڪنهن ٻار سان ظلم ٿو ٿئي يا ان جي پرورش ۾ ڪوتاهي ڪئي ٿي وڃي ته اوهان ان بابت پنهنجي وڏڙن کان معلومات حاصل ڪري. ان عنوان تي هڪ مضمون تيار ڪري اسڪول جي تقريري مقابلي ۾ پڙهي ٻڌايو.

سبق چوويهون

اتفاق

سکيا جي حاصلات

- گيت ٻڌي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- نظم جو مفهوم پنهنجي لفظن ۾ لکي سگهي.
- چوٽيءَ جي مفهوم کي سمجهي سگهي.
- ڊرامن ۾ مختلف پروگرامن ۾ عملي طرح سان شريڪ ٿي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- پهاڪا ۽ چوٽيون سمجهي ان جو وقت مطابق استعمال ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٨٤ – ٨٦
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا به ڏکيائي محسوس نه ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو ته ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجه سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو، بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

۱. هن نظم جو ڪهڙو شعر اوهان کي پسند آهي ۽ ڇو؟
۲. هن نظم ۾ شاعر ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
۳. مولوي احمد ملاح جي بابت اوهان ڇا ڄاڻو؟

شاعر جو تعارف

مولوي حاجي احمد ملاح، تعلقي بدين جي هڪ ڳوٺ ''ڪنڊيءَ'' ۾ پهرين فيبروري ۱۸۷۷ع تي جنم ورتو. سندس والد جو نالو ''نانگيو'' هو. هن شروعاتي تعليم سجاول جي مڪتبن ۽ مدرسن مان حاصل ڪئي. بعد ۾ ''رپ'' مان تعليم مُڪمل ڪري دستاربندي ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن مختلف مڪتبن ۽ مدرسن ۾ درس ۽ تدريس جا فرض سرانجام ڏنا. مولانا صاحب هڪ انقلابي شخصيت هو. جنهن خلافت تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتو ''جميعت علماءِ سنڌ'' ۾ پڻ سرگرم رهيو. مولوي حاجي احمد ملاح سنڌ جي وڏن ۽ اعليٰ پايي جي شاعرن ۾ شمار ڪيو ويو ٿو. سندس شاعريءَ جو انداز عوامي آهي، هيءُ تجنيسِ حرفيءَ جو شهنشاهه ۽ غزل جو سٺو شاعر تسليم ڪيو ويو ٿو. سندس عالمي ڪارنامو قرآن مجيد جو ''نورالقرآن'' جي نالي سان سنڌي بيتن ۾ منظوم ترجمو ڪرڻ آهي، بلاشڪ سندس انهيءَ عظيم ڪم سان سنڌي ٻوليءَ کي وڏو مقام حاصل ٿيو آهي. قرآن مجيد جو سڄي دنيا ۾ اهو پهريون منظوم ترجمو آهي. سنڌ جي هن بيمثال شاعر ۱۹ جولاءِ ۱۹۶۹ع تي وفات ڪئي. سندس مزار بدين شهر ۾، معصومن جي مقام ۾ آهي.

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

۱. توڻي
۲. سپه سالار
۳. ايريون
۴. پاءُ برادر
۵. نُور ايءُ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. هن نظم جي لکندڙ شاعر جو نالو مولوي احمد ملاح آهي.

۲. هن نظم جي عنوان "اتفاق" جو مطلب آهي اوچتو ٿيندڙ کو حادثو يا واقعو. جنهن بابت کو ذهن ۾ گمان به نه هجي. .

۳. هن نظم ۾ شاعر جو اهو مقصد آهي ته انسان جي زندگيءَ ۾ کاميابي يا ناکامي، سنو يا برو، فائدو يا نقصان اهو سڀ غور کجي ته اتفاق آهي. ان کري شاعر لکي ٿو ته آءُ آرسي مطلب ته زندگيءَ ۾ سست يا کاهل نه ٿيس، هر موڙ تي الله جو نالو ونې اڳتي وڌيس. اهو ئي منهنجو ايمان رهيو جنهن کري کاميابي منهنجي زندگيءَ جو مقدر بڻجي وئي. اهو پڻ اتفاق آهي ۽ اهو اتفاق هک کوهه جيان تمام گهرو آهي جيکو انسان ان گهرائيءَ ۾ وڃي ٿو اهو ئي حقيقت کان باخبر ٿئي ٿو.

۴. هن نظم جو پهريون شعر مون کي پسند آهي ڇاکاڻ ته هن شعر ۾ شاعر اهو اظهار کيو آهي ته زندگيءَ ۾ اهو عجيب اتفاق هوندو آهي ته انسان نيڪ رستي تي هلي پوي ۽ الله جي ذات کيس طرح طرح جي نعمتن سان نوازي کا منزل عطا کندي آهي.

۵. هن نظم ۾ شاعر اهو پيغام ڏنو آهي ته انسان جي زندگيءَ ۾ خوشي هجي ڏک، کاميابي هجي يا ناکامي، بهتر هجي يا بدتر پر انهن تمام معاملن جو منحصر اتفاق تي آهي. ان کري انسان کوشش کري ته زندگيءَ ۾ اهو قدم کڻي، اهو کم کري يا اهڙي واٽ ونجي جو کاميابي، خوشي ۽ بهتري زندگيءَ جو مقدر بڻجي وڃي. ائين کرڻ سان الله جي ذات به راضي ٿيندي آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
اتفاق	اتفاق	اتفاق سان اسين بازار ويا سين ته دوستن سان ملاقات به ٿي وئي.
بخت	نصيب	رب، اسان جو بخت سنو کري.
کارڻ	وجہ / سبب	بخار کارڻ احمد اسکول نه وڃي سگهيو.
سوڀ	کامياڀي	آءُ سخت محنت کري سوڀ حاصل کئي.
نروار	ظاهر	علي محنت کري سين ۾ نروار ٿي ويو.
سپه سالار	ليڈر	حضرت خالد بن وليد رضي الله تعالیٰ عنه پنهنجي وقت جو بهترين سپه سالار هو.

(د) اصطلاحن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ

نمبر	اصطلاح	سنڌي معنيٰ
۱	اوڙاھ ۾ ڪِرڻ	ڪنھن مصيبت ۾ ڦاسي پوڻ.
۲	لڙھيءَ ۾ پوئجڻ	پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ.
۳	ننڍ حرام ٿيڻ	سکون برباد ٿيڻ.
۴	سِر جو سانگو ڪرڻ	جان قربان ڪرڻ.
۵	ٿورا ميڙڻ.	ڪنھن جو احسان ميڙڻ.

(ھ) مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي سُجاڻ

مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
چوڪرو	چوڪري	نانو	ناني
پولڙو	پولڙي	چاچو	چاچي
سياڻو	سياڻي	ادو	ادي

(و) پھاڪا جي معني

نمبر	پھاڪا	سنڌي معنيٰ
۱	جيڪو چُلھہ تي سو دِل تي	جيڪي ويجھا ھوندا آھن ، اھي ئي ياد رھندا آھن.
۲	ڪٽي ڏور سُڄا، ڪٽي چور سُڄا	سڀني جا حالات ھڪجھڙا نہ ھوندا آھن.
۳	ڏني جو پُٽُ ڇتو	اڻ واقف جو منھن ۾ اٽڪي پوڻ.

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- ھن نظم ۾ ڪھڙو پيغام ڏنو ويو آھي؟ شاگردن کي پنھنجي خيالن جو اظھار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنھن شاگردن جو جواب بھتر ھوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن جا ٻہ گھروپ جوڙي اتفاق ۽ اتحاد جي عنوان تي پاڻ ۾ تبصرو ڪيو. اھم ڳالھيون نوٽ ڪريو ۽ ھڪ ڊرامي، ڪالم يا ڪھاڻيءَ جي صورت ۾ لکو. بعد ۾ اھو اسڪول جي اسيمبلي يا ڪلاس ۾ سڀن آڏو پڙھي ٻڌايو.
- شاگرد ڪنھن جي قول مان بيحد متاثر ٿيا آھن ۽ چو؟، 50 لفظن تي مشتمل ھڪ نوٽ "ٻڌي ۾ وڏي طاقت آھي" لکو.

سبق پنجويهون

مڪلي جو تاريخي قبرستان

سکيا جي حاصلات

- روزمره جي محاورن جو مفهوم سمجهي پڙهي سگهي.
- روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ محاورن ۽ چوٽين کي پنهنجي لکڻين ۾ شامل ڪري لکي سگهي.
- محاوري کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي جاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- پهاڪن کي سمجهي ڳالهائڻ دوران انهن جو استعمال ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٨٧ – ٩٠
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو ويڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڙ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڙ چوندائتا سوال.

١. شاخ
٢. ترخانن
٣. سمي
٤. جام تماچي
٥. چار

(ب) سوالن جا جواب:

١. مڪلي ٽڪري نٽي شهر کان هڪ ميل جي فاصلي تي اولهه طرف آهي.
٢. جام نظام الدين جو مقبرو ١٥٠٩عيسوي ۾ تيار ڪيو ويو.
٣. لوڪ داستان نوري جام تماچي جو ذڪر "شاهه جو رسالو" جي "سُر ڪاموڏ" ۾ ڪيو ويو آهي.
٤. شهيد دولهه دريا خان سنڌ جو عظيم سپهه سالار هو. جنهن پنهنجي تاريخي ڪردار وسيلي سڄي سنڌ تي حڪمراني سان گڏوگڏ حملو ڪندڙن سان مهاڏو اٽڪائي پنهنجي تاريخ رقم ڪئي ۽ ڏرتي خاطر ويڙهاند ڪئي.
٥. ١٩٨١ع ۾ عالمي اداري يونيسڪو مڪليءَ کي دنيا جو عالمي ورثو قرار ڏنو آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
پاڪدامن	پرهيزگار	الله جا ولي پاڪدامن هوندا آهن.
تهذيب	تہذیب	سنڌ جي تهذيب تمام قديم ۽ مقبول آهي.
نادر	انوکھا / عجیب	انسان کي زندگيءَ ۾ ڪو به هڪ نادر ڪم سرانجام ڏيڻ گهرجي.
چٽسالي	نقاشی	مڪلي قبرستان جي هر هڪ مقبري تي بهترين چٽسالي جو ڪم ٿيل آهي.
محقق	تحقیق کرنے والہ	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ نامياروَ محقق آهي.
ورثو	ورثہ	موهن جو دڙو اسان جو هڪ بهترين ورثو آهي.

(د) حالت اضافي

١. احمد جو ڪتاب پراڻو آهي.
٢. طيبہ جي لکائي بيحد سهڻي آهي.
٣. مهمان جو اجرڪ امتياز کڻي ويو.
٤. ڊاڪٽر جو ٽيلهو نرس وٽ آهي.
٥. امڙ جا ڪپڑا نوان آهن.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ڪلاس جا سيئي شاگرد گڏجي پڑهائيندڙ سينيِ استادن جي لاءِ بهترين انداز ۾ ڪارڊ ٺاهي مقرر ڏينهن تي کڻي ايندا ۽ اسڪول جي اسيمبلي يا ڪلاس ۾ سرپرائز ڏيندي عزت ۽ احترام سان کين انهن جي نالي جا ڪارڊ ڏنا ويندا.
- تصوير ڏسي ان تي غور ويچار ڪري هڪ ڪهاڻي لکو. لکڻ وقت ان ڳاله جو خيال ڪيو تہ اوهان ان ڪهاڻيءَ جي جملن ۾ سلاست، بلاغت ۽ فصاحت جي جملن جو استعمال ڪيو آهي. ڪهاڻي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ڪهاڻيءَ جي وضاحت ڪلاس ۾ سيني شاگردن آڏو ٻڌايو.
- ڪلاس ۾ شاگردن کي پروجيڪٽر ذريعي سنڌ جي تاريخي مقام جي وڊيو ڏيکاري وڃي ۽ ان تي بعد ۾ گفتگو ڪئي وڃي. گفتگو ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ پيرو ٻيهر مڪلي ٽڪريءَ جي پٺ هڪ معلوماتي وڊيو سيني شاگردن کي ڏيکاري وڃي.

سنڌ جي شهرن جا نالا لکو.

- بدين، ٺٽو، ٽل، دادو، روهڙي، سکر، ڪراچي، ڪوٽڙي، لاڙڪاڻو، مورو.

ا	ب	ت	ث	ج	ح	خ	د	ذ	ر	ز	س	ش
ا	ب	ت	ث	ج	ح	خ	د	ذ	ر	ز	س	ش

سبق چويهون

سونهارو وطن، منڙي پولي

سکيا جي حاصلات

- گيت ٻڌي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- نظم جو مفهوم پنهنجي لفظن ۾ لکي سگهي.
- چوٽيءَ جي مفهوم کي سمجهي سگهي.
- ڊرامن ۾ مختلف پروگرامن ۾ عملي طرح سان شريڪ ٿي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- نظم جون سمجهاڻيون سمجهي ۽ لکي سگهي.
- نظم جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- پهاڪا ۽ چوٽيون سمجهي ان جو وقت مطابق استعمال ڪري سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٩١ – ٩٣
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٢ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا ويڻ، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو ويڻ.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- نظم جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، نظم لفظن جي درست ادائيگي سان گڏ پڙهي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ نظم طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- نظم جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي ڪمزور شاگردن کان انفرادي طور سوال پڇا ڪيا ويندا ۽ کين نظم جو هڪ هڪ مصرعو پڙهڻ جي هدايت ڪئي ويندي، غلطيءَ جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي.
- نظم جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان نظم پڙهائي ويندي، لفظن جي درست ادائيگي تي سندن ساراهه ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد پڙهڻ دوران لفظن جو اُچار غلط پڙهن، انهن جي ناصحاڻي انداز ۾ رهنمائي ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهائي ويندي، بعد ۾ کين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.

نظم جي متعلق ڪجهه سوال

۱. هن نظم جو ڪهڙو شعر اوهان کي پسند آهي ۽ ڇو؟
۲. هن نظم ۾ شاعره ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
۳. هن نظم جي شاعره محترمه خالده منير بابت اوهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

شاعره جو تعارف

هن نظم جي لکندڙ شاعره جو نالو خالده منير آهي، سندس ادبي نالو پڻ خالده منير آهي. خالده منير ۱۹۶۸ع ۾ ڳوٺ راڄو نظاماڻي جهرڪ ضلعو ٺٽو ۾ محترم محمد عمر سمون جي گهر ۾ جنم ورتو. خالده منير پرائمري جي تعليم ڳوٺ راڄو نظاماڻي، سيڪنڊري جي تعليم هائي اسڪول، جهرڪ ۽ هائير سيڪنڊري گرلس ڪاليج ٺٽو مان حاصل ڪئي. مختلف رسالن توڙي اخبارن ۾ لکيل شاعري، ڪالم، پروفائيل، تجزيا ۽ مضمون شايع ٿيل اٿس. جڏهن ته شاعري جو هڪ ڪتاب "تنهنجي شاعره" جي نالي سان ڇپجي بي حد مقبوليت ماڻي چڪو آهي. هن وقت سنڌي ادبي سنگت جي چونڊيل مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري پڻ آهي. خالده منير جو اهو پيغام آهي ته نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ عملي طور ڪوششون ونڊڻ گهرجن ڇو ته اسان وٽ ڀهراڙي ۾ نياڻين جي تعليم پرائمري کان پوءِ جاري نٿي رکي وڃي ان سبب ڪري ڳوناڻي عورت جو معاشي استحصال سان گڏو گڏ ٻيون به کوڙ ڏکيايون پيش اچن ٿيون.

حل ٿيل مشق:

(الف) هيٺ ڏنل مصرعه مڪمل ڪريو.

۱. تنهن
۲. لوڏي
۳. سکيا
۴. کيڙيندا
۵. ملهائن

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نظم جي شاعره جو نالو خالده منير آهي.

٢. هن نظم جي پهرئين بند ۾ شاعره جو مقصد اهو آهي ته منهنجي جيجل هولي منهنجي منڙي ۾ پياري هولي آهي، جاڪاڻ ته مون کي ان ئي هوليءَ ۾ وڏي پيار سان لوري ڏني وئي آهي. مان پنهنجي ان هوليءَ مٿان زندگيءَ جي هر موڙ تي قربان وڃان. منهنجي منڙي هولي سدا قائم ۾ دائم رهي.

٣. هن نظم جي آخري بند ۾ شاعره جو اهو مقصد آهي ته منهنجي منڙي هولي ڀگالهائيندڙ مارو هميشه ۾ هر موڙ تي خوشيون، عيدون، هولي ۾ مختلف ڏڻ خوشيءَ منجهان ملهائيندا رهن شال منهنجي منڙي هولي سدا قائم ۾ دائم رهي.

٤. هن نظم جو پهريون بند مون کي پسند آهي جاڪاڻ ته هن بند ۾ شاعره اهو اظهار ڪيو آهي ته منهنجي منڙي هولي منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو آهي جاڪاڻ ته ان هوليءَ ۾ ئي سڀ کان اول مون کي جيجل امڙ لوري ڏني هئي. ان ڪري منهنجي منڙي هولي سدا شاد ۾ آباد رهي.

٥. هن نظم ۾ شاعره اهو پيغام ڏنو آهي ته اسان جي لاءِ هولي تمام گهڻي اهميت ٿي رکي اسان کي هوش سنياڻڻ کان پوءِ سڀ کان پهريون جنهن هوليءَ ۾ لوري ڏني وئي اها اسان جي منڙي هولي آهي. اسان کي هوليءَ لاءِ جان قربان ڪرڻ گهرجي ۾ منڙي هولي ڀگالهائيندڙ ماروئڙن لاءِ توڙي جو ڪٽي اهي غريب مزدور يا هاري هجن پر اسان جي لاءِ اهي سڀ خاص ۾ اهم آهن ان ڪري اسان جي هولي ۾ اسان جي هولي ڀگالهائيندڙ ماروئڙا سدا خوش ۾ آباد هجن.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۾ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
جيجل	ماں	منهنجي جيجل منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو آهي.
لولي	لوری	منهنجي امڙ مون کي لاڏ مان لولي ڏني هئي.
سانگي	عزیز و عقارب	منهنجا سانگي سدا آباد ۾ خوشحال هجن.
عيدون	عیدیں	مسلمان سال ۾ ٻه عيدون ملهائيندا آهن.
هولي	ہولی	هندو هولي ملهائيندا آهن.
ڪنارا	کنارہ کشی	جيڪي عزت نه ڏين، انهن کان ڪنارا ڪرڻ گهرجن.

OXFORD UNIVERSITY PRESS

(د) لفظن جا اشتقاق

نمبر	اشتقاق	وضاحت
١	جهانگير	جهان : دنيا + گير : وٺڻ معنيٰ : دنيا تي قبضو ڪندڙ
٢	بختاور	بخت : پاڻ + آور : اچڻ معنيٰ : خوشنصيب
٣	سپوتُ	سَ : چگو + پوت : پُٽُ معنيٰ : سُلجهيڻو ٻارُ
۴	اٺهوند	اٺ : نہ + هوند : هُجڻ معنيٰ : سُجاڻي
۵	مهراڻ	مِهہ : وڏو + راڻ : وهڪرو (ندي، درياءُ) معنيٰ : سنڌو نديءَ جو پراڻو نالو
٦	غمگين	غم : ڏک + گين : پريل معنيٰ : ڏکويل، غم سان پريل

(ه) لفظن جا مذڪر / مؤنث

مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
هرڻ	هرڻي	طوطو	طوطي
نوڪر	نوڪرياڻي	رِڇُ	رڇ
ڪُڪُڙ	ڪُڪِڑِ	ميڇُ	ميڇي

سرگرمي

- نظم جي خوشخطي ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرائي ويندي.
- ڪلاس جي شاگردن کان نظم جي بلند خواني ڪرائي ويندي. بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪرڻ بابت شاگردن ۾ مقابلو ڪرايو ويندو.
- هن نظم ۾ ڪهڙو پيغام ڏنو ويو آهي؟ شاگردن کي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو. جنهن شاگرد جو جواب بهتر هوندو ان کي شاباش ڏني ويندي.
- شاگردن کان منهنجو وطن ۽ منڙي ٻوليءَ تي تقرير ڪرائڻ جي سرگرمي ڪرائي وڃي. ان کان اڳ استاد ان عنوان تي پاڻ تقرير ڪري شاگردن جي رهنمائي ڪري.

سبق ستاويهون

رِليءَ جو هنر

سکيا جي حاصلات

- روزمره جي محاورن جو مفهوم سمجهي پڙهي سگهي.
- روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ محاورن ۽ چوٽين کي پنهنجي لکڻين ۾ شامل ڪري لکي سگهي.
- محاوري کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.
- ٻارن جي حقن ۽ انهن جي بچاءَ بابت ڄاڻي سگهي.
- انساني حقن جي اهميت بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.
- پهاڪن کي سمجهي ڳالهائڻ دوران انهن جو استعمال سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٩٤ – ٩٧
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت

ڪئي ويندي. ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجھائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انھن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.

- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان ھڪ ھڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي. غلطين جي صورت ۾ سندن رھنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بھتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انھن کي شاباس ڏني ويندي.
- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙھايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي ھدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انھن کان بورڊ تي جملا ٺھرايا ويندا. مونجھاري جي صورت ۾ انھن جي رھنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجھ سوال

۱. سنڌي جي ڪھڑي حصي ۾ سھڻيون رليون ٺاھيون ويندیون آھن؟
۲. رِليءَ جا ڪيترا پُڙ ٿيندا آھن؟
۳. سنڌي ۾ تيار ٿيندڙ ڪن بہ ٽن رلين جا نالا ٻڌايو.

حل ٿيل مشق:

(الف) گھڻ چونڊائتا سوال.

۱. ڪٿن ۾
۲. رلي
۳. سنڌ
۴. پراڻن
۵. اوڍڻ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. رِلين جا ٽي قسم ٿيندا آھن. سگھڑ سنڌي عورتون مختلف رنگن جي ڪپڑن مان گھڻي محنت، ھنر ۽ ڪاريگريءَ سان ٺڪرين، گُڏين ۽ چٽن واريون خوبصورت رليون ٺاھيندیون آھن.
۲. رِلين جا بہ پُڙ ٿيندا آھن.
۳. رِليءَ جي مٿئين پُڙ کي جھلري چئبو آھي، جنھن تي ھنر ۽ ڪاريگري ٿيل ھوندي آھي.
۴. رلين جا ڪيترائي قسم آھن، جن ۾ ڪتر واري رلي، گلن واري رلي، گُڏين واري رلي، پرت واري رلي، چنڊ تارو، ڪجائو انڊ لٽ، ھندورو، نٽ بولو، ڪنوارپير ، ڪور رلي، گمبن واري رلي ۽ ٽُڪ واري رلي وغيره اچي وڃن ٿيون.
۵. ڪٿن يا خاص طور تي ٽر ۾ شادين جي موقعي تي گھوٽ ۽ ڪنوار جي رلي ٺاھڻ وقت ڪٿ

جون ڪوڙساريون مايون گڏ ٽيندڙيون آهن ۽ رلي ٺاهڻ وقت ڳيچ ۾ ڳائيندڙيون آهن. انهن ڳيچن ۾ ڪل پوڳ ۽ چرچا ۾ شامل هوندا آهن.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۽ جملا.

لفظ	معنيٰ	جملا
سُگهڑ	سليقہ مند	سگهڑ عورت گهر کي جنت بڻائي ڇڏيندي آهي.
پرڏيهي	غير ملکي	سنڌ ۾ ڪيترا ئي پر ڏيهي ماڻهو رهن ٿا.
ڏاج	جهيز	نياڻين کي ڏاج حيثيت مطابق ڏيڻ گهرجي.
سوکڙيون	تحائف	ڳوٺ وارن آخر ۾ اسان کي تمام گهڻيون سوکڙيون ڏنيون.
نياڻي	بيٹی	نياڻي پنهنجي والد لاءِ اکين جو نار هوندي آهي.

(د) حالت جري جا جملا

١. ڪتابُ ميز تي رک
٢. ٽائر گاڏيءَ ۾ رک
٣. مهمان ڪمري ۾ وينو آهي.

"رِلي" تي مضمون

رلي سنڌ جي ثقافتي هنر ۾ خاص اهميت رکي ٿي. سگهڑ سنڌي عورتون مختلف رنگن جي ڪپڙي مان گهڻيءَ محنت، هنر ۽ ڪاريگريءَ سان ٺڪرين، گُڏين ۽ چٽن واريون خوبصورت رليون ٺاهيندڙيون آهن، جيڪي سڄي دنيا ۾ سنڌ جي عورتاڻي هنر ۽ فن جي سڃاڻپ بڻيل آهن. رليءَ جا ٻه ڀڙ ٽيندا آهن،جن ۾ هڪ هيٺيون ڀڙ، جيڪو سادو ۽ لسو هوندو آهي،ان کي هيٺيون ٿهه يا ڀڙ چئبو آهي. ٻيو مٿيون ڀڙ، جنهن تي هنر ۽ ڪاريگري ٽيل هوندي آهي، انکي جهلري چيو ويندو آهي. رلي 7 فوٽ ڊگهي ۽ 4 فوٽ ويڪري ٺاهي ويندي آهي. رلي ماڻهوءَ جي قد کان فوٽ کن وڌي ٺاهي ويندي آهي. رليءَ جو نماز پڙهڻ لاءِ ٿُڪ تي مصلو پڻ ٺاهيو ويندو آهي. اهڙا خوبصورت مصلا، مسجدن ۾ يا عبادت گذارن کي تحفي طور ڏنا ويندا آهن.

سنڌ ۾ خوبصورت رليون تحفي ۾ ڏيڻ جو رواج عام آهي. خاص ڪري ٻر جون رليون دنيا جي ٻين ملکن ڏانهن ثقافتي سوکڙين طور موڪليون ويندڙيون آهن، جيڪي خوبصورتيءَ ۾ سنڌ جي ٻين علاقن جي رلين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سنيون ٽين ٽيون. رلي، سنڌ جي هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ عام جام ٺاهي ويندي آهي. غريب عورتون پراٽن ڪپڑن جي ٽڪرن کي رڳي انهن مان رليون ٺاهين، جڏهن ته پهچ وارن ۾ نئين ڪپڑي مان رليون ٺاهڻ جو رواج آهي. ٻرجون رليون سڄي سنڌ توڙي دنيا ۾ مشهور آهن. سنڌ جون رليون دنيا ۾ ٽيندڙ ثقافتي نمائشن ۾ ٻه رکيون وڃن ٽيون، اکثر پرڏيهي سياح سنڌ مان سوکڙيءَ طور رلي ۽ اجرڪ وغيره کڻي وڃن ٿا.

متن پڑھي سوالن جا جواب ڏيو.

رليءَ جا ٻہ پڙ ٿيندا آھن،رلي ۷ فوٽ ڊگھي ۽ ۴ فوٽ ويڪري ٺاھي ويندي آھي. رلي ماڻھوءَ جي قد کان ھڪ فٽ وڌي ٺاھي ويندي آھي. ڳوٺن ۾ رھندڙ عورتون ننڍپڻ ۾ ئي پنھنجي وڏڙين کان ڪو نہ ڪو ھنر سِکي وٺنديون آھن.. ٽر جي رلي تمام مھانگي ٿئي ٿي.

۱. رِليءَ جا ڪيترا پُڙ ٿيندا آھن؟

جواب: رليءَ جا ٻہ پڙ ٿيندا آھن.

۲. رِليءَ جي ڊيگھ ۽ ويڪر ڪيتري ٿيندي آھي؟

جواب: رلي ۷ فوٽ ڊگھي ۽ ۴ فوٽ ويڪري ٺاھي ويندي آھي.

۳. ڳوٺاڻيون عورتون ھنر ڪنھن کان سکنديون آھن؟

جواب: ڳوٺن ۾ رھندڙ عورتون ننڍ پڻ ۾ ئي پنھنجي وڏڙين کان ھنر سکي وٺنديون آھي.

۴. رِلي ڪٽان جي مھانگي ٿئي ٿي؟

جواب: ٽر جي رلي تمام مھانگي ٿئي ٿي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ڪلاس جا سيئي شاگرد گڏجي پڙھائيندڙ سينيي استادن جي لاءِ بھترين انداز ۾ ڪارڊ ٺاھي مقرر ڏينھن تي ڪٽي ايندا ۽ اسڪول جي اسيمبلي يا ڪلاس ۾ سرپرائز ڏيندي عزت ۽ احترام سان کين انھن جي نالي جا ڪارڊ ڏنا ويندا.
- اسڪول ۾ ھڪ تقريب منعقد ڪري سيني شاگردن کي مختلف رليون ڪٽي اڇڻ لاءِ ھدايت ڪئي وڃي، انھن رلين جي نمائش ڪري اسڪول جي مڙني شاگردن کي انھن مطابق معلومات ڏني وڃي. ان تقريب جي رپورٽ تيار ڪري اھا ڪنھن اخبار يا رسالي ۾ پڻ شايع ڪئي وڃي.
- شاگرد گوگل تان رِليءَ جي مختلف قسمن جون ڊيزائنون ڊائون لوڊ ڪري انھن جي پرنٽ ڪرائي ھڪ چارٽ ٺاھي ڪٽي ايندا.

سبق اٺاويهون

تندرست رهڻ جا ڪارگر اصول

سکيا جي حاصلات

- روزمره جي محاورن جو مفهوم سمجهي پڙهي سگهي.
- روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪتب ايندڙ محاورن ۽ چوٽين کي پنهنجي لکڻين ۾ شامل ڪري لکي سگهي.
- محاوري کي سمجهي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي.

خاص مقصد:

- نَوَن لفظن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.
- سبق جي نون لفظن جا جملا پاڻ لکي سگهي.
- سبق جو مرڪزي خيال لکڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٦، صفحو نمبر ٩٨ – ١٠١
- بليڪ بورڊ/ وائيٽ بورڊ
- سنڌي ڊڪشنري
- فلئش ڪارڊ

پيريڊن جو تعداد:

٣ عدد

سِکيا جو طريقو:

- شاگردن کان ذهني آمادگيءَ جا جيڪي سوال ڪيا وڃن، استادن کي انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ شاگردن جي رهنمائي ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شاگرد درست جواب ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي محسوس نہ ڪن. جيڪڏهن ڪو شاگرد غلط جواب ڏئي ٿو تہ ان جي رهنمائي ڪندي ان سوال جو درست جواب ٻڌايو وڃي.
- شاگردن کان آمادگيءَ جا سوال ڪيا ويندا.
- سبق جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ، سبق جي بلند خواني ڪئي ويندي، هڪ هڪ عبارت جي آسان ۽ واضع لفظن ۾ وضاحت ڪئي ويندي، ان سان گڏ ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ سمجهائي ويندي. بلند خواني دوران شاگردن جي توجہ سبق طرف ڪرائڻ لاءِ انهن کان مختلف سوال ڪيا ويندا.
- سبق جي بلند خوانيءَ کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان هڪ هڪ عبارت جي بلند خواني ڪرائي ويندي، غلطين جي صورت ۾ سندن رهنمائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي شاگرد بهتر انداز ۾ بلند خواني ڪندا انهن کي شاباس ڏني ويندي.

- سبق جي بلند خواني کان پوءِ ڪلاس جي مختلف شاگردن کان مشڪل لفظن جي معنيٰ پڻ پڇا ڪئي ويندي.
- بورڊ تي مشق جو ڪم لکي مختلف شاگردن کان پڙهايو ويندو. بعد ۾ ڪين ڪاپيءَ ۾ لکڻ جي هدايت ڪئي ويندي.
- شاگردن کي مشق جي جملن لاءِ لفظن جي معنيٰ ٻڌائي انهن کان بورڊ تي جملا ٺهرايا ويندا. مونجهاري جي صورت ۾ انهن جي رهنمائي ڪئي ويندي.

سبق جي متعلق ڪجهه سوال

١. ماني کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
٢. هڪ ڏينهن ۾ ڏند گهٽا پيرا صاف ڪرڻ گهرجن؟
٣. تندرستيءَ بابت ڪنهن به هڪ ڏاهي جي چوٽي ٻڌايو.

حل ٿيل مشق:

(الف) گهڻ چونڊائتا سوال.

١. تازو
٢. نور
٣. تراوت
۴. ماني
۵. اُن

(ب) سوالن جا جواب:

١. اکيون (نور) به الله تعاليٰ جي طرفان انسان ذات لاءِ نعمت کان گهٽ نه آهن. ماڻهو دنيا جي رنگينيءَ جا مزا، اک سان ماڻي ٿو. کائڻ جا مزا، وات سان وڻي ٿو. گهڻو تڏهن ڏسي سگهبو. جڏهن اکين ۾ نور ۽ ڏسڻ جي جوت هوندي. نور هوندو ته جهان به ڏسي سگهبو.
٢. اسان کي تندرست رهڻ لاءِ پاڻ ۾ سٺيون عادتون پيدا ڪرڻ گهرجن. جيئن ماني کائڻ کان اڳ ۽ ماني کائڻ کان پوءِ پنهنجا هٿ چڱي طرح ڌوئڻ گهرجن. کاڏو هميشه تازوکائڻ گهرجي، کاڏي کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ گهرجي ۽ متيءَ کان ڍڪڻ گهرجي. مانيءَ جا ننڍا ننڍا گرهه کائڻ گهرجن. جيتري به ماني کائجي پر وڌيڪ چٻاڙڻ گهرجي، پيٽ ڀري ماني نه کائڻ گهرجي. پاڻي تازو ۽ صاف پيئڻ گهرجي، صبح جو اٺڻ کان پوءِ سڀ کان اول هڪ يا به گلاس پاڻي پيئڻ صحت لاءِ بيحد فائديمند آهي، سوير سمهڻ ۽ سوير اٺڻ جي عادت به تندرست رهڻ لاءِ ضروري آهي.
٣. هڪ تندرستي هزار نعمتن جي برابر آهي. اڳهو کائي ڏُنُ، سگهو کائي اُنُ. تندرستي، هزار نعمت آهي.
۴. بيمار ماڻهوءَ لاءِ نعمت جڙ بي ثمر ٿي ويندي آهي، هو پنهنجي ٻُٽ مان بيزار هوندو آهي.
۵. هن سبق مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي ته انسان کي زندگيءَ ۾ لطف اندوز ٿيڻو هجي يا زندگيءَ ۾ خوش رهڻ، ڪاميابي حاصل ڪرڻ يا ڪو به ڪارنامو سر انجام ڏيڻو آهي ته پوءِ پنهنجي صحت جو هر صورت ۾

خيال رکڻو پوندو صحت آهي تہ سپ ڪجهہ آهي.

(ج) لفظن جي معنيٰ ۾ جملا

لفظ	معنيٰ	جملا
منحصر	منحصر	ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ انسان تي منحصر آهي.
خوراڪ	غذا	ٻار جي سڻي خوراڪ هجڻ ضروري آهي.
ورزش	ورزش	صبح جو صحت لاءِ ورزش ضروري آهي.
ڏاها	دانا	ڏاها ماڻهو اڄ بہ دنيا ۾ موجود آهن.
چوٽي	کهاوت	تندرستيءَ بابت سندڀءَ ۾ ڪيتريون ئي چوٽيون آهن.
هُڳاءُ	خوشبو	مون کي گلاب جي گلن مان هڳاءُ محسوس ٿئي ٿي.

(د) فعل لازمي جا جملا

١. مُرڪَ پڙهي ٿي.
٢. طيبہ اچي ٿي.
٣. مهمان هليو ويو.
٤. مينهن وسي ٿو.
٥. گهر خالي آهي.

فعل متعدي جا جملا

١. سيما خط لکرائي ٿي.
٢. استاد، ٻارن کي ڏوڙائي ٿو.
٣. خط پڙهجي ٿو.
٤. ماني پچائجي ٿي.
٥. امڙ، ٻار کي سمهاري ٿي.

(ه) لفظن جا مؤنث

مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث	مذڪر	مؤنث
مالڪ	مالڪياڻي	فرزندُ	فرزندياڻي	استادُ	استادياڻي
فقير	فقيرياڻي	چاچو	چاچي	ڏاڏو	ڏاڏي

”تندرستي هزار نعمت آهي“ عنوان تي مضمون

سياڻن سچ چيو آهي تہ تندرستي هزار نعمت آهي. غور ڪجي تہ اها بلڪل حقيقت آهي. زندگيءَ جو اصل مزو ئي تندرستي سان آهي مطلب تہ جيڪڏهن ڪو شخص صحت مند ۽ تندرست آهي تہ هو هر ڪم ۾ دلچسپي وٺندو. سڀ صحت الله تعاليٰ جي طرفان عطا ڪيل هڪ نعمت آهي.

صحت آهي تہ انسان دنيا مان لطف اندوز ٿي سگهي ٿو. صحت مند ماڻهو ملڪ، قوم ۽ ڪٽنب جو نالو روشن ڪندو آهي، هو دنيا جي هر نظاري مان لطف اندوز ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، صحت مند انسان دنيا ۾ تعليم حاصل ڪري سگهي ٿو. ترقي حاصل ڪري سگهي ٿو. وڏا وڏا ڪارنامہ سر انجام ڏئي سگهي ٿو ايتري قدر جو صحت مند ماڻهوءَ ۾ هر ڏک برداشت ڪرڻ جي صلاحيت هوندي آهي، صحت مند انسان دنيا ۾ ٻين جي ڪم اچي سگهي ٿو. هو پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ اهڙو نالو روشن ڪري سگهي ٿو جو هو پاڻ تہ هن فاني دنيا مان هليو ويندو پر سندس نالو هميشہ روشن رهندو.

جڏهن تہ بيمار ماڻهو ملڪ ۽ قوم تي بار ٿي پوندو آهي، ان کي دنيا جي ڪنهن بہ شيءَ مان لطف نہ ايندو آهي. ايتري قدر جو بيمار ماڻهو پنهنجي بت مان بہ بيزار هوندو آهي. زندگيءَ ۾ لاپرواهي، سستي، ڪاهلي، صفائيءَ جي معاملن ۾ غير سنجيدگي جهڙن مسئلن جي ڪري انسان جي صحت متاثر ٿيندي آهي. زندگيءَ جي ڪنهن بہ ڪم ۾ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ ۽ خوشحال زندگي گذارڻ لاءِ سڀ صحت جو هجڻ ضروري آهي. تنهن ڪري انسان کي پنهنجي صحت جو خيال رکڻ گهرجي.

سرگرمي

- سبق جي مشق جو ڪم ڪلاس ورڪ ڪاپيءَ ۾ لکرايو ويندو.
- ڪلاس جا سڀئي شاگرد گڏجي پڙهائيندڙ سڀني استادن جي لاءِ بهترين انداز ۾ ڪارڊ ٺاهي مقرر ڏينهن تي ڪٽي ايندا ۽ اسڪول جي اسيمبلي يا ڪلاس ۾ سرپرائز ڏيندي عزت ۽ احترام سان کين انهن جي نالي جا ڪارڊ ڏنا ويندا.
- والدين سان گڏجي پاڙي جي ڪنهن مشهور ڊاڪٽر سان ملاقات ڪري ان کان تندرست رهڻ جا اصول ۽ مختلف وبائن کان بچاءَ جا حفاظتي انتظام معلوم ڪري هڪ ڪاپيءَ ۾ نوٽ ڪري اسڪول ۾ هڪ تقريب منعقد ڪري اسڪول جي شاگردن کي آگاهہ ڪيو.
- شاگردن کان صحت جي ڪارگر اصولن تي مشتمل هڪ چارٽ ٺهرايو ۽ مضمون متعلق سندن رهنمائي ڪريو.

استادن لاءِ خاص هدايتون

هڪ پيريڊ لاءِ تجويز ڪيل نمونو

نمبر	وضاحت	وقت جي ورهاست
١	امادگيءَ جا سوال / سبق جي عنوان مطابق گذريل معلومات ذريعي شاگردن جي توجہ عنوان تائين پهچائڻ. شاگردن کي سبق جي عنوان مطابق مختصر معلومات ڏيڻ.	٥ منٽ
٢	سبق جو اعلان ۽ سبق جي حاصل مقصد کان آگاهي ڏيڻ. سبق ذريعي جيڪو پيغام ڏنو ويو آهي، ان جي حقيقت سمجهائڻ.	٥ منٽ
٣	سبق يا نظم جي بلند خواني/ لکڻ جو ڪم / شاگردن جي توجہ جو جائزو ۽ شاگردن کان بلند خواني ڪرائڻ جو ڪم	٢٥ منٽ
۴	ڪلاس ۾ ڪرايل ڪم جو جائزو ۽ گهر جو ڪم ڏيڻ بابت رهنمائي ڪرڻ.	٥ منٽ

تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون

هن نصاب جي اِها گهرج آهي تہ شاگردن کي هوليءَ جي مختلف سرگرمين ذريعي هوليءَ جي سکيا واري عمل ۾ شامل ڪجي. استادن ۽ تربيتي ادارن کي ان ڳاله جو خيال رکڻ گهرجي تہ نہ رڳو هوليءَ جي سکيا وارن جديد طريقن کان واقف هجن، بلڪ انهن کي استعمال ڪرڻ جي قابليت بہ رکندا هجن.

ايليمينٽري ڪلاسن (جهين کان اٺين تائين) ۾ استادن کي هڪ مثالي استاد جي حيثيت سان آڏو اچڻ گهرجي تہ جيئن شاگردن کي اهڙيون سموريون سنڌي هوليءَ جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن، جن سان انهن کي سنڌي هوليءَ جي بنيادي مهارتن ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ ۽ سکڻ ۾ مدد ملي سگهي. موجوده دور ۾ هوليءَ جي تدريس جا جيڪي آزمايل طريقا ڪم آندا وڃن ٿا، انهن جو خلاصو استادن جي سهولت لاءِ هيٺ ڏجي ٿو. سبقن جي تياريءَ وقت استاد هيٺ ڏنل طريقن کي پنهنجي روزاني تدريسي سرگرمين جو حصو بڻائين.

ڳالهہ ٻولهہ.

١. "ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ" هوليءَ جي بنيادي مهارتن ۾ شامل آهن. ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي سرگرمين کي معنيٰ دار ۽ اثرائتو بنائڻ لاءِ هيٺ ڏنل نقطن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

٢. سرگرميون/ سوال/ مشقون شاگردن جي ذهني سطح مطابق هجڻ گهرجن.

٣. شاگردن کي مختلف طريقن سان پنهنجي جاڻ جي اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي ۽ کين پنهنجيءَ رفتار سان سکڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي. سُست شاگرد اڳتي هلي تيزيءَ ۽ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪري سگهن

ٹا. ان لاءِ انهن جي خاموش هجڻ کي تسليم ڪيو وڃي ۽ ڳالهائڻ تي انهن جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.

۴. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان کي هيسائڻ بجاءِ همٿائڻ گهرجي يا ٻئي شاگرد کان يا خود استاد (ضرورت موجب) مثبت انداز ۾ اصلاح ڪري تہ جيئن شاگرد ۾ هولي سِکڻ جو جذبو ۽ پنهنجي غلطيءَ جي اصلاح ڪرڻ جي سگهَ پيدا ٿئي.

۵. ڳاله ٻوله وقت شاگردن کي هڪ ٻئي جي ويجهو دائري جي شڪل ۾ ويهاري سگهجي ٿو تہ جيئن هو هڪ ٻئي کي ٻڌي ۽ ڏسي ٻہ سگهن.

لفظن جي راند

سنڌي هوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري وڌائڻ جون مختلف تدريسي تدبيرون آهن، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿيون.

٦. لفظ جي آخري اکي سان نئون لفظ ٺاهڻ. جيئن پنهنجي نالي جي آخري اکر سان ڪو صفت جو لفظ ٻڌائڻ. جيئن: منهنجو نالو ندیم آهي، مونکي منو انب پسند آهي. هن جملي ۾ ندیم نالي جو آخري اکر "م" آهي ۽ ان سان جڙندڙ صفت "منو" آهي.

۷. مختلف لفظن يا اکرن تي مشتمل فلئش ڪارڊ استعمال ڪيا وڃن، جن مان موضوع بابت لفظ چونڊي سگهجن. نوان لفظ جوڑڻ، مرڪب لفظ ٺاهڻ، لفظن جي مدد سان آکاڻي ترتيب ڏيڻ وغيره.

۸. سوالن تي ٻڌل پرک/ ڪسوٽيءَ واري راند کيڏڻ: ڪنهن شخصيت يا ماڳ مڪان کي سوالن ذريعي معلوم ڪرڻ، جنهن جو جواب "ها" يا "نہ" ۾ هجڻ گهرجي.

۹. يادگيريءَ واري راند، جيئن ڪا ڏڳهي فهرست ياد ڪرڻ، هڪ منٽ تائين مختلف شيون ڏسڻ، پوءِ يادگيريءَ سان ٻڌائڻ تہ ڪهڙيون شيون ڏنيون هيون؟

۱۰. پرولين جي درست جوابن جي چونڊ، ڳجهارت، ذهني/ معلوماتي آزمائش وغيره.

سوال پُڇڻ

هوليءَ جي تدريس ۾ هڪ اثرائتي سرگرمي آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ معياري سوال سان نہ رڳو شاگرد جي سوچ جو معيار ۽ تخيل جو انداز و لڳائي سگهجي ٿو بلڪ سوال جي نوعيت موجب بهتر انداز ۾ شاگردن کان معياري جواب ملڻ ممڪن ٿي ويندو. استادن کي گهرجي تہ سوال ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڏنل نقتن جو خيال رکن.

۱. ها، نہ ۽ هڪ لفظ تي مشتمل سوال رڳو نہ پڇڻ گهرجن پر سوالن ۾ وڌيڪ سبب وارا سوال پڻ پڇيا وڃن، جن ۾ ڇو، ڇا، ڪيئن وغيره جهڙا سوال ٻہ هجن. مثال: توهان کي ڪهڙي راند/ موسم/ ميوو پسند آهي ۽ ڇو؟ گهٽو ڪري اهڙي قسم جا ٻہ سوال پڇيا وڃن. جن ۾ شاگردن کي جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻي پوي.

۲. بلومز ٽيڪسانومي جي درجن مطابق هر سطح جا سوال تيار ڪرڻ گهرجن.

۳. سوالن کي سمجهڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ شاگردن کي مناسب وقت ڏيڻ گهرجي. مشاهدو ۽ مليل معلومات کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪڍڻ جي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.

۴. شاگرد جيڪو چوڻ گهرن، انهن کي ان جي آزادي هجي. غلط جواب جي صورت ۾ بين شاگردن کان پُڇي سگهجي

ٿو يا خود استاد رهنمائي ڪري سگهي ٿو. اهو عمل اهڙي انداز سان ڪيو وڃي جو شاگردن جو اعتماد بحال رهي.

۵. اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جو شاگرد خود سوال ترتيب ڏين ۽ پنهنجن ساٿين کان پڇن.

فڪري تحرڪ

شاگردن جو ذهن ايارڻ هڪ اهڙي تدبير آهي جنهن موجب ڪنهن عنوان تي شاگردن جا خيال ۽ معلومات ڇاڻي، ان عنوان مطابق معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي، جڏهن به ڪو نئون سبق پڙهائڻو هجي ته سڀ کان پهرين ان موضُع بابت استاد، شاگردن سان ڳاله ٻوله ڪري، ان موضوع بابت کين ٻن جملن ۾ خيال پيش ڪرڻ لاءِ چئي سڀني شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي. انهن ٻن جملن ۾ استاد نثر يا نظم جي مرڪزي خيال يا خلاصي بابت پڇا ڪري سڀني شاگردن کي سرگرميءَ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. شاگردن پاران مليل سڀ جواب بورڊ تي لکي ان بابت تجزيو ڪرايو وڃي.

ذهن / تصور جاچڻ

شاگردن جي مدد ڪئي وڃي ته ڇاڻايل عنوان تي پنهنجي خيالن کي ذهن ۾ ڪيئن ترتيب ڏين؟ ڪهڙي ڳاله پهرين يا ڪهڙي ڳاله پوءِ رکڻي يا لکڻي آهي. جيئن ڪو مضمون لکڻ لاءِ ان جي اهم نقطن بابت لکڻ ۽ متن جي اهم نقطن جو جائزو وٺي ان کي پيش ڪرڻ وغيره.

اڳڪٿي

هن طريقہ ڪار هيٺ شاگردن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏئي، انهن جي تخليقي صلاحيتن کي ايارپو ويندو آهي. جيئن:

- شاگرد غور ڪري ڪنهن آکاڻيءَ جي پڇاڻي ٻڌائي سگهن.
- ڪنهن سوال جي جواب يا نتيجي جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهن.
- تصوير / واقعي يا ڪنهن ڪتاب جو سرورق ڏسي، آکاڻي / عنوان جي اڳڪٿي ڪري سگهن.
- واقعي ۽ ڪردار بابت اڳڪٿي ڪري ٻڌائي سگهن.

ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو

ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو هڪ ڪارائتو طريقو آهي. جنهن ذريعي ٿوري ئي وقت ۾ پوري ڪلاس کي سرگرم ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ڪنهن نئين سبق جي شروعات ڪرڻي هجي يا سبق پڙهائڻ بعد اندازو لڳائڻو هجي ته جيڪو ڪجهه پڙهايو ويو آهي ان بابت شاگردن کيتري ڄاڻ حاصل ڪئي آهي؟. اهڙيءَ صورت ۾ هيءَ سرگرمي مناسب آهي. مثال طور: ڪو به عنوان ڏئي ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرايو وڃي.

انفرادي جوڙن ۾ يا گڏجي سرگرميون ڪرائڻ

ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سبقن جي پڙهائڻ واري سلسلي کي شاگردن جي شرڪت سان هيٺ ڏنل سرگرمين کي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

انفرادي سرگرمي

شاگردن کي انفرادي طور سرگرمي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي تہ جيئن هو پاڻ کي پُر سکون ۽ آزاد سمجهي، پنهنجي رفتار سان سِکي سگهي. اهڙي طرح ان کي پنهنجي ساڻين تي پاڻڻ بجاءِ پنهنجي صلاحيتن کي آزمائڻ جو موقعو ملندو. پڙهڻ ۽ لکڻ جي عمل ۾ هن طريقي جو استعمال موزون آهي.

جوڙن ۾ سرگرمي

جوڙن ۾ سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن کي شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ موقعو ملندو آهي. ان کان سواءِ انهن ۾ ٻولي سکڻ جي صلاحيت واري مشق ۾ اضافو ٿيندو آهي. اهڙي طرح شاگرد پنهنجي ساٿيءَ سان ڳاله ٻوله ڪرڻ ۾ لهرائيندا نہ آهن. شاگردن کي مسئلي جي حل ۽ نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اعتماد سان هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي.

گروپ ۾ سرگرمي

ڇهن يا پنجن شاگردن کي گروپ ۾ ڪم ڪرڻ جو بہ موقعو ڏنو ويندو آهي. ائين ڪرڻ سان پاڻ ۾ ڪين آزاديءَ سان ڳاله ٻوله ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ٻوليءَ جي مهارتن واري سلسلي ۾ مدد پڻ ملندي آهي. استاد سرگرميءَ جي گهرج موجب هڪجهڙن يا مختلف ذهني سطح جي شاگردن جا گروپ ناهي سگهن ٿا. ان ڳاله جو خيال رکيو ويڃي تہ هر شاگرد کي شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملي.

تصويري خاڪو

هن طريقي ۾ شاگردن کي مختلف تصويرون ڏئي، تصويرن جي منظر نگاري ۽ تصويرن جي مختلف جزن جي وضاحت ڪرائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح شاگردن جي خيالن کي اُپاري سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ڏيارڻ سگهجي ٿي.

رهنمائيءَ سان پڙهڻي

ڪنهن بہ ڪلاس ۾ شاگرد ذهني طور تي سکيا جي حوالي سان هڪجهڙا نہ هوندا اهن. انهن جي سکڻ ۽ سمجهڻ جو انداز بہ مختلف هوندو آهي. شاگرد پنهنجي ذهني قابليت ۽ لياقت آهر پنهنجي رفتار سان سکندا آهن. هيٺ ڏنل طريقن سان شاگردن جي انفرادي ضرورتن جو خيال رکي سگهجي ٿو.

١. شاگردن جي تعليمي ضرورتن، ذهني سطح ۽ دلچسپيءَ مطابق اپياسي مواد چونڊيو ويڃي. قابليت جي لحاظ کان شاگردن جا گروپ جوڙيا ويڃن. هڪ ئي ڪهاڻي يا ڪو متن هر گروپ کي ڏنو ويڃي ۽ مواد شاگردن جي قابليت مطابق آسان ۽ ڏکيو ويڃي. اهڙيءَ طرح تفهيمي سوال بہ هر گروپ جي تعليمي قابليت مطابق ڏنا ويڃن.

٢. ڪنهن بہ موضوع تي جوڙن ۾ پڙهائي اهڙيءَ طرح ڪرائي ويڃي جو هڪ شاگرد ٻئي جو مددگار ثابت ٿئي. سمعي ۽ بصري شين جو استعمال پڻ ڪيو ويڃي.

٣. ڪجهہ شاگرد متحرڪ رهي بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن. جڏهن تہ ڪجهہ شاگرد هڪ ئي جڳهہ

تي ويهي اثرائتي ڪارڪردگي ڏيکارينداآهن. اهڙيءَ طرح شاگردن جي مزاج مطابق اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جيئن هر شاگرد پنهنجي صلاحيت مطابق پڙهڻ واري عمل ۾ پرپور حصو وٺي.

ٽيڪنالاجي

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، هن دور ۾ هر فرد جي اهم ضرورت آهي. ڪلاس ۾ اهڙيون سرگرميون ڪرايون وڃن جن ۾ شاگردن کي موبائل، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، ريڊيو ۽ ٽيليويزن وغيره تان معلومات حاصل ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي. اسڪول ۾ جيڪڏهن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهولت موجود آهي تہ ان مان بہ فائدو ورتو وڃي.

سنڌي زبان جي سکيا لاءِ هيٺيون مددي شيون مناسب رهنديون.

(۱) چوندڙ بيتن/ نظمن جا چارٽ/ فليش ڪارڊ.
(۲) پرولين ۽ قولن جا چارٽ/ ڪارڊ
(۳) نظمن ۽ آکاڻين جا ننڍڙا ڪتاب ۽ تصويري آکاڻيون
(۴) مختلف پئراگرافن جا چارٽ
(۵) لطيفن ۽ سفرنامن جا ننڍڙا ڪتاب
(٦) اخبارون، رسالا ۽ مخزنون
(۷) ادبي، تاريخي ۽ قومي شخصيتن جون تصويرون
(۸) گرامر جا چارٽ ۽ ماڊل وغيره
(۹) نظمن ۽ آکاڻين جون سي ڊيز
(۱۰) ٻارن لاءِ ڇپايل با تصوير ڊڪشنريون
(۱۱) شخصيتن متعلق ننڍڙا ڪتاب
(۱۲) شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي بيتن جا چارٽ
(۱۳) چوٽين ۽ پهاڪن جا چارٽ
(۱۴) ڪمپيوٽر، موبائل، نظم، ڪهاڻيون ۽ ٻيو تعليمي ۽ تفريحي مواد

استادن جو رهبر

استادن جو رهبر نالي هي ڪتاب واٽ جي لات آهي. موقعي ۽ محل جي لحاظ کان تدريس دوران استاد هن ڪتاب مان مدد ۽ رهبري حاصل ڪري سگهي ٿو. درسي ڪتابن جي صحيح طريقي سان پڙهائڻ لاءِ "استادن جو رهبر" نالي ڪتاب جو اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس پاڪستان پاران خاص بندوبست ڪيو ويو آهي. استادن جي رهبر جا خاص مقصد هيٺ ڏنل آهن.

۱. تعليم جي عام مقصدن ۽ ڪلاس جي خاص مقصدن کان بهتر انداز ۾ واقف ڪيو وڃي.
۲. استادن کي اها ڄاڻ هجي تہ ڪنهن خاص سبق کي ڪهڙي مقصد ۽ مهارتن جي حاصلات لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
۳. استاد هر سبق جي تياري ان جي پنهنجي عام ۽ خاص مقصدن کان وٺي "سکيا جي حاصلات" ۽ "جائزي" تائين سولائيءَ سان ڪري سگهي.
۴. لساني سرگرمين ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جو حل ٻڌايو وڃي.
۵. لغت، اُچار، تلمين، پهاڪن/ چوٽين وغيره جي مڪمل چٽائي ڪئي وڃي.
٦. استادن کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطيدار مددي شين جي صحيح استعمال کان واقف ڪيو وڃي.

۷. شاگردن جي حافظي جي سگهه، فڪر ۽ تخيل کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ Interactive سوال ٺاهيا ويڻ.
۸. عملي گرامر جا اصول تفصيل سان بيان ڪيا ويڻ، جيئن معلوم ٿي سگهي تہ محض مجرد تعليم بدران انهن کي لساني مهارتن ۾ ڪيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو.
۹. مضمون نويسي ۽ تخليقي سرگرمين جي اصلاح لاءِ مناسب ۽ عمل جوڳن طريقن جي نشاندهي ڪئي ويڻ.
۱۰. اُچارن جي اصلاح لاءِ اُپاءَ ورتا ويڻ.

سبق نمبر ۱

حمد

سیکھنے کے مقاصد:

- مخاطب کی بات سُن کر اپنی معلومات اور تجربات کی روشنی میں اپنے خیالات کا اظہار کرسکیں۔
